اَوتار آيو آهي



منوهر بيدي

اوتار آيو آهي.

سهڪار پبليڪيشن. اُلهاس نگر-5.

منوهر ٻيدي.

١ اوتار آيو آهي

ڪردار : مرد (م) (35 سال / ڪرتو- پتلون
عورت (ع) (30 سال / گهاگهرو- ڪوٽي
پگوتي ترڪال شڪتي (پ)
(30 سال/ آسماني شفاف چوغو

سامگري:
اسٽول: ٢/ ڪرسي: ١.

(پردو کلڻ تي منچ تي جهڪي روشني آهي. سامهون هڪ پڳل ٽٽل عمارت نظر اچي رهي آهي. اُن جي پاسي ۾ ايئن لڳي ٿو جڻ ڪجهه ماڻهن ۽ جانورن جا لاشا پيا آهن. ويرانيءَ جو ماحول آهي. اوچتو پرڪاش ڪجهه تيز ٿي وڃي ٿو ۽ ويراني وڌيڪ ڀوائتي ٿي وڃي ٿي.

هڪ طرف کان مرد اچي رهيو آهي- ٿڪل پريشان ۽ بدحال. سندس ڪپڙا ڦاٽل آهن ۽ وار منجهيل. اکين ۾ ويراني اٿس. نااميدي ۽ درد جي تصوير لڳي رهيو آهي.)

م: (چوگرد نهاري) ڪيڏانهن وئين ... ...
(ڪجهه زور سان) اڙي، ڪاڏي وئينءَ ؟

ع: (ٻئي طرف کان ايندي) اِجها هتي آهيان- هتي!
ايتريون رڙيون ڇا جون ٿو ڪرين ؟

م: رڙيون به نه ڪيان ؟ پيا سڀ ڪم نه ڪري ڇڏين-
۽ ٿڪجي ڇڏين.

ع: (هٿ لوڏيندي) مان به نه ذرا ٻڌان ڇا ڇا ڪيو اٿئي؟

سهڪار پبليڪيشن جو نائون پُستڪ

اوتار آيو آهي	ايڪانڪي ناٽڪن جو سنگرهه.
رچناڪار	منوهر بيدي.
پرڪاشڪ	گريش بيدي. سهڪار پبليڪيشن. ١٢٥. پريو آستان. راشن آفيس. الهاس نگر- 421005.
ڪاتب	سوهن پرتاباڻي. بئرڪ ٨٥٢. روم-٧. الهاس نگر- 421001
آفسيٽ پرنٽنگ	"نورنگ" آفسيٽ پرنٽنگ. 48 بيئون ماڙ- پرنس مارڪيٽ. الهاس نگر-421003.
ڪور پيج	سُنيل بيدي. 604 منزوا. او. ٽي سيڪشن. الهاس نگر- 421001.
پرڪاشن	اپريل: ١٩٩٨ — April: 1998.
قيمت	٣٠/ روپيه — Rs: 30/-

سهڪار پبليڪيشن جو پايو وجهندڙ:
سورگواسي شريمتي سُشما بيدي.

چا چا ڪيو آهي.

ع: وسري ڪجهه به نه ويو آهي. هڪ نظارو دل تي اُڪريل آهي. (دور نهاريندي)

مون کي ياد آهي ته ڪيئن هڪ وڪرال راڪشن مونکان پنهنجا دشمن ڪڍايا هئا.

م: ڪهڙو پوءِ؟ پوءِ ؟

ع: پوءِ مونکي ڇوڙاهي ٿي ليٽائي .....
(ڪجهه وچي ٿي.)

م: قطار ۾ توکي ورهايو ويو هو.
(مرد نورسان ٺهڪ ٿو لڳائي. ڪجهه دير ۾ عورت به هن سان گڏ کلي ٿي.)

م: ٺهيو، هاڻي بس ڪر. وڌيڪ نه کل

ع: ڇو نه کلان؟

م: ويچارو انهاس وچي آئر هنيا ڪندو. جيئنو ٽيڪ مرندو ڪون.

ع: مرندو ڪونه. پر ڇو؟

م: امرتا جو شراپ مليو اٿس.

ع: (ڪند لوڏيندي) اَڇا. اَڇا. پر اسين هتي آيا ڇو آهيون؟

م: اَسان آيا ڪٿي آهيون؟ اسان ته هتي ئي آهيون.

ع: پر اسين هتي ڇو آهيون؟

م: اَسان کي اڄ هتي سيا پوڪرڻو آهي. پاڙ ڪيڻا آهن.

ع: پر ڇو؟

م: ڇو ته اونار جي پرگٽ ٿيڻ جي اُميد ۾ سڀ مري ويا. توکان ۽ مون کان سواءِ.

م: (ڏسڻيءَ سان اشارو ڪندي) ڇا مون انڌو ٿيا
راڄ نه ڪيو؟

ع: (ڪنڌ لوڏي) برابر ڪيو.

م: ڇا مون دوکي سان ماڻهو نه ماريا؟

ع: ماريا.

م: ڇا مان زهر جو پيالو پي پيرن ۾ گهنگهرو پائي
نه نچيس؟

ع: برابر - برابر.

م: ڇا مون ڪلهي تي صليب کڻي ڪنڊن جو تاج نه پاتو؟

ع: پاتو، وڏي شان سان پاتو.

م: ڇا منهنجي جسم ۾ ڪليون نه کُتيون؟

ع: کتيون، نشان اڃا تائين آهن.

م: ڇا مون کي جؤ کنيو ٻڌي نديءَ ۾ نه ڦٽو ڪيو ويو؟

ع: ڪيو ويو.

م: ڇا مون کي پيٽ ۾ چٽائي اُن جي مٿان تاجمحل
نه ٺاهيو ويو؟

ع: اهو ته مان اڃا ڪلهه ڏسي آيس.

م: پوءِ به ڇا ٿيو؟

ع: ڪجهه ٿيڻو به هئو ڇا؟

م: اُميد نه هئي.

ع: اُميد ڏور هئي - خوابن جا پاڇا ها.

م: مون کي ٿي چوين ڇا تو ڪجهه ڪونه ڪيو؟
ڇا تون اُنهن خوابن جي پاڇن پٺيان نه ڊڪينءَ

ع: (گنڀير ٿي) ڊڪيس، مان به ڊڪيس.

م: توکان شايد سڀ ڪجهه وسري ويو آهي ته تو

وٺين - هاءِ هاءِ.

: رت سان ڪري لاش تي ٽپڻ واري
نوجهڙي مها- سندري ڪٿان ايندي! هاءِ هاءِ.

م : (ڪٽ ڪري) cut.

ع : (عجب مر) ڇو؟ cut ڇو ڪيئه ؟

م: مان ڪلرڪ پيو چاهيان ته موٽلي روئٽ پيو اچي.

ع : ڏ پوءِ چا ٿيو ؟

م: منهنجو پٽ پيشم پتامه چونڊو هو ته جڏهن
اِئين ٿيندو آهي تڏهن ڪجهه الٽيٽي ٿيندي آهي.

ع : ٺيڪ آهي- پر نوڪي پٽ جائو ٿي ڪڏهن هو ؟

م: فڪر نه ڪر، پٽي ڪنهن ڪي جائو هوندو.

ع : ٺيڪ آهي - هاڻي چا ڪريون ؟

م: دماغ خراب ٿي ويو آهي ، اج نه پٽي شيرش
آسٽ ڪريون.

ع: (ڏيان نه ڏيندي) مٺو اوتار الائي ڪڏهن ايندو-

م: (ڪلندي) سنيالي ڳالهاءِ موتي نه وڃي -

ع: (پنهنجي ٿي ڏن مر) رنياسي پٽياسي دانهون
ڪوڪون ڪيوسي. مٺي مار ئي اوتار لاءِ ؟

م: (عجب مر) پر تون اوتار لاءِ ايڏو
پريشان ڇو آهين ؟

ع : (غصي مر) بلڪل گهبلو آهين. پلجي وَئيين
نه جيسين اوتار نه ايندو، اسان مري به نه سگهنداسين؟

م: (ڪنڌ ڏوڏي) آچا- آچا- اهو جيڪو ورڊان هلبو هو.

ع : (لاپرواهي سان) وردان هو يا سراپ. پوري
خبر ڪونه ٿي پوي ته نه ڪوئي هاڻي اسان ڪي ان جي

ع: اَسين نه چئه - چئه نه توکي ۾ مونکي ڇڏي ويا
هن انٽر-سنسڪار جي لاءِ -

م: جلدي ڪر، ڊسٽريڪشن ڏي.

ع: ون ٽو. ون ٽو ، ون ٽو - ٺيڪ .

م: (پهريون گوڏا، پوءِ ڇاتي، پنبڙي)
سڀ مري ويا.

ع: هاءِ ! هاءِ !!

م: بنگلن وارا   ع: هاءِ هاءِ
ڪارين وارا   ”   ”
راڄن وارا   ”   ”
ووٽن وارا   ”   ”
نوٽن وارا   ”   ”
ڪرسين وارا   ”   ”
ڏاڙهين وارا   ”   ”
ٽوپين وارا   ”   ”

ع: (هٿ ڪٽي)   cut.

م: (اوچتو رڪجي)   چپ - چپ .

ع: تون out of focus وڃي رهيو آهين - هاٿي
مونکي ڇوڙ ڏي - تنهنجو ٽائيم پورو ٿي ويو.
(اوچتو پٺ ٿي ويهي پاڙ ٿي ڪري - مرد
اوڪڙون ويهي ڪيس ڏسندو رهيٿو ۽ ڪنڌ
لوڏيندو رهي ٿو.)

: هيڏن مندرن، ٺڪاڻن، درٻارن، مسجدن ۾
ديولين هوندي تون نه بچيين؟ - هاءِ هاءِ !

: پنهنجي جواني گند جي ڍير و جهي هلي

م: غلط ـ مان ڪين چوان ها ته منهنجي سامهون ويهي آلس پيو.

ع: (کلندي) ۽ جي اوباسيون ڏيڻ شروع ڪن ها ته پوءِ ؟

م: ته پوءِ اينٿر ۾ ڇلانگ لڳائي اننت ڪال تائين اُڏامندو رهان ها.

ع: (ڏيمي آواز ۾) چپ ڪر- اوتار اچي رهيو آهي.

م: ڪٿي آهي ؟

(هڪ طرف کان انتهائي خوبصورت ۽ من موهيندڙ استريءَ جو اڇڻ جسم تي آسماني رنگ جو سنهڙو چوغو پيو اٿس جنهن مان سندس جسم جا اُڀار جهلڪي رهيا آهن. عورت کان ٿورو نکري ٿو وڃي ۽ مرد جون عجب ۾ اکيون ڦاٽي پيون وڃن. استريءَ جو ساڄو هٿ مٿي ٿو کڄي جڻ آشيرواد ڏيئي رهي آهي. مرد ڏيري ڏيري هلندو اوتار جي اڳيان اچي ٿو بيهي. پوءِ هيٺ گوڏن ڀر ويهي، نڪ سامهون نهاريندي هٿ ٿو جوڙي. ڏيان جي اوستا ۾ پهچي ٿو وڃي. اوتار ڏيري ڏيري مرڪي رهي آهي. عورت آسمان ڏانهن نهاري رهي آهي.)

ا: پُتر، منهنجي ڀڪتي بلوان آهي. مان ڀڳوتي نرملا شڪتي آهيان. گهُرُ، جيڪو گهرجيئي گهرُ!

م: مان اننت ڪال تائين هيئن ۽ بلڪل هيئن ئي ڏيان ۾ رهڻ ٿو چاهيان. ڀڳوتي ماتا!

ع: (اوچتو ڪري) او محدود، مان ڇا ڪندس ؟

ا: پتري تون چنتا نه ڪر - وچ وچ ۾ مان توکي هتي پنهنجيءَ جڳهه تي ويهاري انتر ڌان ٿي وينديس. آخر مون کي به ته ڪجهه رليف کپي. هن کي ايئن ئي ڏيان سان درشن- يوگ جي سادنا ڪرڻ ڏي.

م: (اوچتو اُٿي ٿو) نه- نه- مان ٿڪجي پيس. مان بلڪل ٿڪجي پيو آهيان.

ا: ڏٺئه پتري! مرد جي شڪتي ماڪوڙي جيتري ٿيندي آهي.

ع: انتظار ۾ اسان جا جسم رُلائي ڇڏيا توهان!

ڪا پرواهه نه آهي.

(اوچتو منچ تي اونداهه ڇانئجي ٿي وڃي. مرد
۽ عورت چپ چاپ هيٺ ويهي ٿا رهن.)

آواز: اِٽ اِز بُوم. (برهما، وشنو، مهيش)
آڪاش واڻي. آڪاش واڻي. آڪاش واڻي!
لاڏلو.

توهان جي اِنڊيپينڊنٽ سپر پاور پرڇانئين تائين
پهچي چڪي آهي. ان تي ورانٽ آگو ٿيو چڪو
آهي. توهان جو گهربل اوتار فارورڊ لنگه لينڊ سان
گڏ روانو ٿي چڪو آهي. عقل جا ڪپڙا لاهي
شرڌا ۽ وشواس جي ڪنجرين سان هنجو
سواگت ڪيو وڃي.

Please acknowledge the receipt
by coughing spritualy.

(اوچتو منچ تي تيز روشني ٿي وڃي ٿي. مرد ۽ عورت
اُٿي ٿا بيهن.)

م: هاڻي لاهه ڪپڙا ـ ڪر اوتار جو سواگت.

ع: (ڪلندي) عقل جا ڪپڙا لاهڻا آهن جسم جا نه! (نخري سان)
هر ڳالهه ۾ پنهنجو مطلب پيو نڪرندا آهيو.

م: پر عقل جا ڪپڙا ڪيئن لاهيان؟

ع: جي آسان اِها ٻولي سمجهي سگهون ها ته پرڇانئين آسان کي
آڪاش واڻي ۽ پاڳه ۾ اناؤنسر جي نوڪري نه ڏئي ها؟

م: (ڪمر لوڏيندي) ماڻ نه پوءِ جيڪر بادلن تي ويهي ناٽڪ
ڪيان ها. ٺڪ ٺڪ ٺڪ.

ع: ۽ اپسرائن ڪان عاربان پيپر ڪڍائين ها. ڪيئن؟

م: سمجهايو پگونتي!

ا: (مرد جو هٿ پڪڙي) منهنجي اکين ۾ نهار. نهار. نهار. اکيون
ڇنڀ نه. سڌو نهاريندو رهه. هائي. هائي. بلڪل هائي. تون
پنهنجو پاڻ ارپڻ ڪري رهيو آهين. ارپڻ ڪري رهيو آهين.
منهنجي اکين مان اکيون نه ڪڍ. نهاريندو رهه. نهاريندو رهه.
ويجهو اچ. ويجهو. اچ ويجهو. جهڪندو وڃ. جهڪندو وڃ.
هيٺ هيٺ. هيٺ. جهڪندو وڃ.

(مرد ڏيري ڏيري هيٺ گسڪندو اوڪڙون ويهي ٿو رهي. اجان
به سندس اکيون اوتار جي اکين ۾ اٽڪيل آهن.)

(عورت عجب مان اکيون ڦاڙي هنن ڏانهن نهاري رهي آهي.)

(اوتار پگونتي مرڪي رهي آهي.)

ا: (مرد جي مٿي کي ڇهي) سمجهيا وِيُئن ارپڻ ٿيا ٿيندو آهي.
تون ڪيترو نه اوچو ٿي ويو آهين.)

م: هائي مان ارپڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪندس.

ا: (کلي ٿي) ۽ ڪرڻ لاءِ ٻيو آهي ئي ڇا؟

ع: (ڪجهه عجب ۾) ماتا پگونتي! ڇا اهو ارپڻ مون لاءِ به آهي؟

ا: پتري، اهو ته لاءِ ئي ته آهي. پتر پتريءَ کي ارپڻ سيکار.

م: مان؟ يعني مان؟ مان؟

ا: هائو. تون. تون نه سيکاريندين ته ٻيو ڪير سيکاريندس؟
ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون ٿي بيهو.

(ٻئي آمهون سامهون بيهن ٿا.)

ا: هڪ ٻئي جي اکين ۾ اکيون اِئين اٽڪائي ڇڏيو جيئن ٽئين ديوار
۾ کلي کپائبي آهي. شاباس. هڪ ٻئي کي پسو. اکين سان پسو. هڪ
ٻئي ۾ اکين رستي سمائجي وڃو. هڪ ٿي وڃو.

(هڪ اگر مٿي کڻي)

اِڪ. اِڪ. اِڪ.

ا : ڙُلبانه سڌريا ڇڏيو -

م : ڀگوتي، اسان عيسٽائين، پيٽرائون پوگبيندا رهندا سين ؟

ا : منهنجو اچڻ معنيٰ پيٽرائن ۾ دکن جوانت ٿيڻ. إمان توهان کي
اهو رستو ڏيکاريندس جيڪو توهان کي سکن جي سنگر ۾ وجهي
پهچائيندو.

ع : اهو سڳر پوري نه ڪونه ماريندو.

ا : نه- پوريندو ضرور. ماريندو ڪونه،

م : يعني اسان نه جيئرن ۾ هوندا سين نه مئلن ۾ ؟

ع : ۽ اها ڪهڙي قسم جي حالت هوندي ؟

ا : اُها نرسنگهي حالت ئي هن مهاياترا جو مقصد آهي نه اندر نه
ٻاهر. نه هيٺ نه مٿي. نه هيڏانهن نه هوڏانهن نه ڏينهن نه رات.

م : سنياناس !

ا : اُتي توهان کي سڀ ڪجهه ملندو پر ڪجهه وٺندو ڪونه،
• جيڪو وٺندو سو ٻئي وٽ هوندو.
• جيڪو ٻئي وٽ هوندو سو ٻئي توهان جو هوندو.
• ۽ ڪنهنجو ڪجهه به نه هوندو.

ع : ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو.

م : چپ ڪر. ڏاڍي ڪڙي ۽ عقل واري آهي. آنمواد جون
گنڀير ڳالهيون آهن. ڇڪلي نٿي ڦلڪو ناهي ويلڻو -

ا : توهان کي ڪجهه ڪرڻو ناهي. فقط پاڻ ارپڻو آهي. باقي
سڀ جوابداري منهنجي آهي.

م : ڀگوتي! اهو ارپڻ ڪيئن ڪرڻو آهي ؟

ا : جيئن ڪجهه آهي.

م : مون ڪم عقل انسان کي اها خبر ئي ڪونه آهي.

ا : تہ مان سمجهائي ڇڏيندس.

ا: پٽڙ هاڻي تو کي ڇا ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟

م: ڪنڌهڻ وڏ وباس ويڊن جو سمپادن پيو ٿو ڪري ۽ ڪنڌهڻ .... آن - آن .....

ا: ها - ها -

م: ۽ ڪنڌهڻ ريگن star war جون تياريون پيو ٿو ڪري. آڪ آ آ آ آ آ .....

ا: ڇا ٿيو. ڇا ٿيو پٽڙ؟

م: ماءُ، مان ڪجهه هو جي غفائن ۾ وڃي ڦاٿو آهيان..

ع: ماڻا ڀڳوتي! مان ٻه پنهنجي سامهون قطب مينار ڏسي رهي آهيان.

ا: (ٻنهي کي لت هڻي، لُڙ ڪري) وڃو. وڃو - نالائقو. توهان مڪتيءَ جي لائق ئي نه آهيو. Get out.

(ٻنهي کي گهلي پردي جي پٺيان موڪلي ٿي ڇڏي. پاڻ منچ تي اچي پاگلن وانگر جهومي ٿي ۽ ڪلبي ٿي.)

(اوچتو مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جي پٺيان اچن ٿا. ٻنهي جا سر جهڪيل آهن ۽ ٻئي ٿڪل لڳي رهيا آهن. ٻئي عجب مان اوتار کي نچندو ۽ ڪلندو ڏسن ٿا ۽ اوچتو پاڻ به ان پاگلپڻ ۾ شامل ٿي ٿا وڃن.)

م: (سڏڪندي) انڌيرو - انڌيرو - ڪيترو نه انڌيرو هو هو ڏانهڻ -

(سڀ نچڻ بند ٿا ڪن ۽ هڪ هڪ ڪنڊ پڪڙي ڪنڌ ٿا هيٺ ڪن ٿا.)

ا: انڌيرو ئي سنئون آهي پٽڙ - روشني ڇا هي! اکين جو دوکو. من جو دوکو. بڌيءَ جو دوکو. انڌيري ۾ ڇا تو ڏٺو ڏٺو پرڪاش محسوس نه ڪيو؟

م: ڪيو.

م: (ڇرڪ ڇرڪ ڪندي) آل . مونکي الائي ڇا ٿو ٿئي ؟

ع: (شوڪارو ڀريي) مونکي به . مونکي به -

ا: پرواه نه ڪريو - worry not - ڪجھ ٿئي ٿو - ٿيڻ ڏيو -
ڪجھ جلي ٿو - جلڻ ڏيو . ڪجھ رجهي ٿو - رجهڻ ڏيو .
منهنجا ٻچڙ؛ منهنجي ٻچڙي . توهان هاڻي اُن حد اُن پڌتي
وڃي پهتا آهيو . جنهن کي سمادي چيو ويو آهي .
ڌيان سان ڇلانگ لڳايو - سمادي ۾ پرويش ڪريو .
(مرد ۽ عورت بلڪل هڪ ٻئي جي سامهون هڪ ٻئي
سان لڳي ٿا ويهن .)

ا: ٻچڙ جهڪ جهڪ هاڻي جهڪ . گيان جي ڪڙڪي کلي رهي آهي
درشن ڪر ، درشن ڪر ، پرسن ٿيءِ ، پرسن ٿيءِ .
(مرد جهڪندو وڃي ٿو - عورت اِستر آهي .)

ا: ٻچڙي هاڻي ڌيان سان ٻڌ . (ڳائي ٿي .)

گهونگهٽ جي پٽ کول ،
توکو پيا ملينگي ،
پيا ملينگي ، دروازي کليگي ،
گهونگهٽ ....

(اوتار ڀڳوتي منچ تي نچندي رهي ٿي . ۽ آخر ۾
هڪ پوز ٺاهي بيهي ٿي رهي . پوز هي آهي :
کابي هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسڻيءَ سان گول ٺاهي ٿي .
ساڄي هٿ جي ڏسڻيءَ تي وچين آڱر چاڙهي ٿي .
ساڄي ٽنگ پاسي کان پيل اِسٽول تي رکي ٿي .)

ا: ٻچڙي ، توهان هينئن مون وانگر مڪٽ آسڻ ۾ ويهو .
ٻچڙ ، توهان سامهون بلڪل ڏسندو رهه ....
هان ، شاباس .

ڪٽايا. خون وهايا. پل پل توهان جي سر مٿان ڏک وسايا. اِئين ملهايو هولي. ۽ اِئين ملهايو ڏيارِي. اِئين ملهايو عيد. ۽ اِئين ملهايو ڪرسمس.

ع: (سر جهڪائي) اِئين ٿي ملهائيندا اسين. بلڪل اِئين ٿي ملهائيندا اسين. هن دشت دُنيا جو هر هڪ ڏڻ.

م: (هٿ جوڙي) پيگوٽي! ڪر اسان ٿي ديا وسا ۽ مهر مينهن ڏي اسان کي شڪتي. جيئن اسان اهو سڀ عري سگهون. جيڪو تون چاهين ٿي....

ا: پر هڪ ڳالهه ياد رکجو. توهان سڀئي، م،ع: (ڳڏجي) ڪهڙي ڳالهه ديوي؟

ا: (پاڻ ڏانهن اشارو ڪري) مون کي هن شڪتيءَ کي، هن پرماتما جي انش کي.

نه سمجهجو استري، نه سمجهجو پرش،
مان انهن پيدن کان مٿي اپيد، اروپ، ارنگ النگي
هڪ شڪتي آهيان، هڪ پرڪاش آهيان، هڪ بندو آهيان.
هڪ مهاساگر آهيان، هڪ آتُو آهيان، هڪ سرشٽي آهيان.

م،ع: (ڳڏجي) جئه جئه جئه.

ا: مان ڪجهه به نه آهيان. مان سڀ ڪجهه آهيان. مان ڪنڊر آهيان. مان ڪرائيندڙ آهيان. مان ٿي جيو وينڊڙ ۽ ڪرايو ويندڙ ڪرم آهيان. مون کي ٿي ڏسو. مون کي ٿي ڏيکاريو. پر ڏسڻ ۾ مان ٿي آهيان.

ع: پيگوٽي ديوي! مون ڪجهه به نه سمجهيو.

ا: مون سمجهيو ته مون سمجهيو. پر سمجهاڻو مون ڪجهه به نه سمجهو.

: (مرڪي) اهو ٿي گيان آهي. اِهو ٿي بڌ ٿيڻ آهي. اهو ٿي مهاويرپڻو آهي. اهو ٿي پرم پيد آهي ۽ اهائي پرم پيد

ا: ڇا تو هوائن ۾ سڳنڌ بوءِ ڦهليل محسوس نه ڪيون؟
م: ڪيون.
ا: اُنهن سڳنڌن ڇا توهان کي اُپاسنا ۾ وڌيڪ لين نه ڪيو؟
ع ۽ م: ڪيو. ضرور ڪيو.
ا: اَجا به توهان کي پرڪاش ڪيپي؟
م: نه، انڌيرو ڪيپي.
ا: اِئين ئي ٿيندو.
ع: ماتا ڀڳوتي، پاپ ڇا آهي؟
ا: من جي ڪمزوري.
م: مون نه سمجهيو.
ا: پاپ ڪجهه به ناهي. من بلوان اٿئي ته هر ڪرم ڌرم آهي،
من نربل اٿئي ته جو ڪندين سو پاپ پيو لڳندءِ. پيٽ ڀري
ڊرو پدي پنج پنٿي ڪري به پوڄيه آهي، تون هڪ-اڌ پنٿي
ڪري به ننڊي ۽ پنڊ بڻين. ڪنٿي ڪنواري هوندي ڪرڻ
جهڙو اڄيه جو ڌو ڄڻي سگهي ٿي تو جهڙا بون عورتون
شادي ڪري به ڇا ٿيون ڄڻن؟
(زور زور سان کلي ٿي.)
زندگي هڪ سڪو آهي. هڪ طرف دکه آهي ٻئي طرف سکه
توهان دکه وارو پاسو ئي بار بار ڏسي رهيا آهيو.
ع: (هٿ جوڙي) ماتا، اِئين ڇو ٿي رهيو آهي.
ا: ڇو ته توهان ڪائر آهيو. ڇو ته ڪن دشٽ ماڻهن توهان
کي ڇڏيو آهي ته سکي جي ٻئي پاسي شيطان
ٿو وسي. نه-نه. ٻئي پاسي ٿي سکه اٿو. نهار پيو سکه
جي ٻئي پاسي. توڙي ڦٽا ڪريو. هنن شيطانن جا
قانون، ڦاڙي ڦٽا ڪريو اُهي پستڪ جن توهان جا سر

م: (چيڙائيندي) ڪجهه اِنشيءَ ٿورو ٿي! باقي رهڻ يون واڪا ڪري ماءُ کي خبرون ڏيندي آهين ڇا؟

ع: (ڦيري پائي) اُهي نه اِئين ٿي ننڍڙي دل کي رکڻ لاءِ ڪٿي ڪندي آهيان ته منان شرمائجي اڳهاڻ نه ڪري وڃين.

م: جڏهن خبر اِنشيءَ نه مان مري به نه سگهندس.

ع: اڳهاڻ جو مرڻ سان ڇهڙو واسطو؟ اڳهاڻ ته فقط شڪست جي اڻائونسمينٽ آهي.

ا: (مرد ڏانهن منهن ڪري) وڄ. وڃي منهنجي پڙهڻ جي اُپاءَ کهاڻ جو دارو ڪر. جيسين شهر ۾ سونٽ نه ٿي اچي تيسين مون جا وڪار دور نه ٿيندا ۽ جيسين وڪار دور نه ٿا ٿين تيسين ڪائي به شڪتي ويجهو نٿي اچي. ماٺو فقط ڪمزورين کي ٿي ڪلهي تي چاڙهي ڪٺ. پر چرند و ٿو وٺي.

م: (عورت ڏانهن نهاري) هزارين سالن کان هن جي اُپاءَ کي سونٽ ۾ آڻيندو رهيو آهيان پر نامراد وري اُپا جا اُپا ٿي ٿا وڃن.

ع: (شڪايت ڪندي) نه پڳوٿي ديوي! هيءَ ته سدا کان چوٽين تي چڙهي ڪڏن ۾ ٽپا ڏيندو رهيو آهي ۽ پوءِ (کلي ٿي). هڪ ٿي ٽپي ۾ ٽڪجي ول هيٺان ٽنگون ٽيڙي سمهي پوندو آهي. (وري کلي ٿي).

م: (رهڙ ڪري) مان... مان. هن محمذات ڪمعقل کوڙهي کي گٽراگٽرا ڪري آڱوٺي تان گهوري گهمائي ڪنن اڳيان اُڇلي ڇڏيندو سانس. مون ٿي ٿي کلي!
مون کي ٿي شڪندي سمجهي!

ا: (هٿ سان شانت ڪرائيندي) پٽر، شانت، شانت، شانت.

جيئن عجيب آهي. اها ڳالهه جيئن اها حد آهي. اهو اونچو آسمان آهي.
جتان جيڪو چوندو. ڪوئي به سمجهي نه سگهندو. پر ڪنڊو
اُٿين ٿي جيئن توهان چاهيندؤ. ان آسمان تان، ان منچ تان،
نه پاڻ ٿيندو آهي. نه هدايتون ورهايون آهن، نه
ڪمانڊمينٽس پڙهايا ٿيندا آهن. نه ڳالهه جو ديپڪ چمڪندو آهي.
فقط ۽ فقط، ڪنٽرول ٿيندو آهي. سرشٽي جو ڪنٽرول
ان وقت، سڄو برهمانڊ مٿس ٿي ويندو. هر ڪو پراڻي ڪل
پرزو ۽ توهان ٿي ويندؤ. ڪل پرزن کي دٻائيندا.

م: (او چنتو) ڇا ائين ٿي ويو؟

ا: (کلي) هائو. مون سان نه ٿي ويو. توهان ٿي ٿيڻ وارو آهي.

ع: (اُتسڪتا مان) ڪڏهن ٿيندو؟ ڪڏهن دٻائيندا سين پراڻين
وارا ڪل- پرزا؟

ا: (مرڪي) پهريون مان توهان ٻنهي جا ڪل پرزا نه پورا دٻائي وٺان.
(مزوم سان کلي ٿي.)
ڪيئن؟ آيو سمجهه ۾؟

ع: (اڳيان وڌي) پورو دٻايو نه منهنجا سڀ ڪل پرزا-

م: (ڇاتي ٿي هٽ هٽي) ۽ منهنجا به.

ا: (کلي) توهان هڪ ٻئي جا پرزا دٻائيندؤ.

م: (عورت ڏانهن اشارو ڪري) دٻا بانس؟

ع: (نڪ کي موڙو ڏيئي) دٻايانس- هون!

م: (خفي ٿي) منهنجا ته اڪر جيڏا ڏنگين ٿا.

ع: (مرڪي) تون آهين ٿي هڪ وڏو ڏنگه.

م: (هٽ هلائي) گهڻا دفعا ڏنگيو ٿي مان ۾؟

ع: (ٺوڙ کي جهٽڪو ڏيئي) تنهنجي انهن مڙدا ڏنگن جو
ڪير ٿو حساب ڪتاب رکي. تنهنجو ڏنگه جيڏ کنپ جو ڇهاءُ!
عجيب انهي ٺوڙو ٿي.

ع: مان سيئا آهيان. مان سڀاڳي مرندس.
ا: ٻه راوڻ جي حوالي ۾. تون ڏاڍي ڳاٽي مرندين.
م: (رڙ ڪري) اسان ٻئي گڏ مرنداسين. زندگيءَ جي لنبائيءَ
مان تنگ اچي ويا آهيون.
ا: نه پوءِ گڏ جي زندهه رهي سگهو. جڙي وڃو پاڻ ۾.
ملي وڃو پاڻ ۾. هڪ ٿي وڃو پاڻ ۾. ڏيکجي وڃو
هڪ ٻئي جي ميدان.
ع ۽ م: (گڏجي) پاڻ ۾!
ا: (تڪڙ ۾) جڙهي وڃو هڪ ٻئي جي مٿان.
ع ۽ م: (گڏجي. سرسان) پاڻ ۾!!
ا: اوتاري پاشا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. اوتاري پاشا
سنساري پاشا کان جدا العدي ۽ ٻئي قسم جي ٿيندي آهي.
اوتاري پاشا ۾ پوڳه ۽ پڳتيءَ کي هڪ ٿي لٺ سان هڪيليو
پاڻي ويندو آهي.
ع ۽ م: (هڪ ٻئي ۾) اڇا؟
ا: هائو! سمجهو. سمجهي پيئي کي سمجهايو ٻه هرهند.
هر وقت سکه پايو.
ع: ڪيئن؟
م: ڪيئن؟
ا: (هڪ طرف اِشارو ڪري) اندڪار ۾ داخل ٿيو.
روشنين جي ڪامنا ڪريو. سرڳه جا سپنا ڏسو.
اونچائين تي چڙهو. هيٺ لهو. ماترين ۾ آئينده
تلاشيو. کلو، روئو، وڙهو، پٽيو، کٽيو، ٿڪجو ۽
مري وڃو. سنسار اُٿو. اِهو اُن کي، اِهوئي سمجهو
وڃو. مايا ۾ ڦاسو.
(اوتار هڪ طرف اِشارو ڪري ٿو. عورت ۽ مرد ڏيري
ڏيري هڪ طرف روانا ٿي وڃن ٿا.
رنگمنچ تي اونڌيرو ڇانئجي وڃي ٿو. اوتار اُن
اونڌيري ۾ غائب ٿي وڃي ٿو. چوڌاري بلڪل خاموشي
ڇانيل آهي. اوچتو خالي رنگمنچ تي آواز گونجي ٿو.

م : (نهوڙي سان) نه مان شانتي نه ڏيندس. مون مرد جو اپمان ڪيو آهي.

ا : (مرڪي) نه ٺيڪ آهي. ڪڻ پنهنجو گانڊيو. چنڊ جي وچ معاپارڻ
جي جوتيءَ تي ٻه پنهنجي نبر سان. ڇُٽي ڇمڪاءِ. هن ڦرندڙ
ٻه ترقندڙ، ميليءَ جي اکه کي!

ع : (شرارت مان) جي هن جو گانڊيو نڪمو نڪتو ته ؟

م : (جوش ۾) ته پوءِ مان گانڊو.

ع : (شرارت مان هن ڦيرڪيا) اُهو ته اول ئي آهين.

م : (عورت هي وارن کي جهٽڪو ڏيندي) ڇا چيئه؟ گانڊو ؟

ع : (چيخون ڪندي پر مذاق ۾) الا ري، بابا ري، امان ري،
اري اوتار ري، بچايو، بچايو، بچايو.

م : هاڻي تو کي هن گانڊو کان ڪاڏي ڪو نه بچائي سگهندو.

ا : (ٻنهي کي جدا ڪندي) بس! بس ٻي!!
اجائي شڪتي نه وڃايو. هڪ ٻئي ۾ شڪتي سمائي ڇڏيو. هن
سنسار ۾ ڪوئي تيج ڪونهي ڪوئي نربل ڪونهي. ڪوئي نپسنڪ
ڪونهي، ڪوئي شڪتي ڪونهي. بس توهان پنهنجن پاڻدون جو
روپ آهيو. ٻه ٻئي. توهان شڪتي به آهيو، درروپدي به آهيو،
سيتا به آهيو، نه سنياسي ٻه رڪشي به آهيو. تو ۾
به اهوئي آهي، جيڪو اُنهن نارين ۾ هو.

ع : مان سيتا آهيان.... ٻه هئي.....

ا : هئي رام به آهي ته راوڻ به آهي. رام جي روپ ۾ تو مان
لوڪش پيدا ڪندو. ٻه راوڻ جي روپ ۾ سمجهو سال اشوڪ
واٽيڪا ۾ تو کي ڪندو.

ع : (طنز ڪندي) ٻه اننت ۾ مرندو.

ا : ضرور مرندو، ضرور مرندو. راوڻ هوندو ته به ٻه رام
هوندو ته به، وڏو ڀڄڻ ننهنجو نصيب آهي.

(٢) آخر ڪيستائين.

ڪردار: ڇوڪرو (ب) } ماڊرن نوجوان
ڇوڪري (گ)

جڳهه : فليٽ جو ڪمرو.

گ: اڄ فيصلو ٿي وڃڻ ٿي گهرجي.

ب: ڇا جو فيصلو ؟

گ: پڇين نه ائين ٿو ڄڻ ڪجهه ڄاڻين ٿي ڪونه.

ب: ٻاءِ گاڊ - مان ڪجهه به ڪونه ڄاڻان. مونکي ڪائي به خبر ڪونه آهي.

گ: ته هيا جيڪو مونکي هر هر گهرائي منهن ڪارو ڪندو آهين. سو ڪو ٻيو هوندو آهي ڇا؟

ب: اڇا - اڇا - تون ان باري ۾ ٿي پڇين - اري ان ڪري ته مان ١٥٤ سالن جو آزمودو رکندڙ آهيان.

گ: ۽ ١٥٤ سالن ۾ اها خبر ڪونه پيئي اٿئي ته اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ کان اڳ هڪ ٻي رسم به پوري ڪبي آهي.

ب: قسم آهي ڪامديو جو - مونکي ڪا به خبر ڪونه آهي.

گ: برابر سچ ٿو چوين - ۽ تون مون ڏانهن ائين ٿي قدرتي روپ ۾ هليو ايندو آهين. جيئن بکايل روٽيءَ ڏانهن گهليو وڃي.

ب: That is correct مان پياسو آهيان. تون سرڳ مان آيل هڪ ڪنواري ندي آهين. جي ٻه ٽي ڍڪ پاڻيءَ جا ڪٿي پيئندس ته ڪهڙو تنهنجو پاڻي کٽي ويندو يا ڪارو ٿي ويندو.

گ: نه پاڻي سڪي ويندو ۽ نه ٿي ڪارو ٿي ويندو پر پوءِ مان ندي نه رهندس.

ب: ته پوءِ تون ڇا ٿي ويندينءَ؟

۽ اُن سان ڳنڍو ڳنڍ پردو به هيٺ لهندو اچي ٿو.

آڏواڻي: جيڪڏهن اوتار ۽ انسان ۾ اِهو ئي ناتو آهي ته پوءِ دلال ۽ وشيا جي ناتي کي عطر ۽ نالي سان سڏبو؟

27-29 Nov. 1985.

❀ ناٽڪ جا تت ❀

پارتي ودوانن ناٽڪ جا چار تت مڃيا آهن:

١. ڪٿا وستو:- ڪهاڻي پراڻن ۾، اتهاس ۾ يا لوڪ ڪٿائن مان کڻي سگهجي ٿي. ڪلپنا مان جوڙيل ڪهاڻي تي به ناٽڪ لکيا آهن. ڪن حالتن ۾ پراڻ يا اتهاس جي ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ پنهنجي ڪلپنا مان جوڙيل ڪهاڻيءَ جو انش ملائي هڪ نئين ڪهاڻيءَ جو نرمان ڪري سگهي ٿو.

٢. پاتر:- ناٽڪ ۾ ڪيترن پاتر هوندا آهن. پر ناٽڪ ۽ نائڪا کي اهم ميمبو ويو آهي. نائڪ ۽ نائڪا جي چرتر کي سندن ڳڻ اُڀاريندا آهن. ۽ ڳڻن جو اِظهار سندن ڳفتگوءَ ۽ ڪنهن حد تائين ڪارين جي وسيلي ٿيندو آهي. ڳفتگو يا سمواد ناٽڪ ۽ نائڪنائڪا جي حوالي ۾ پراڻن جي برابر آهن.

٣. رس:- رس اثر آهي. ناٽڪ ڏسندي درشڪن تي ۽ ناٽڪ ڪندي ڪردارن تي جيڪو اثر ٿئي ٿو. سولي پاشا ۾ اُن کي ئي رس چئي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ ڪن جو چوڻ آهي ته هڪ ڪلاڪار اثر کان الڳ هوندا آهن. پر مان اُن الڳ کي جي پيشان رس جو چشمو وهندو محسوس ڪندو آهيان.

٤. آڀينيه:- آڀينيه يعني نقل. پر جڏهن نقل اصل کي به پوئتي ڇڏي وڃي ته اُن حالت کي ڪردار جي اسيم سڦلتا سڏي سگهجي ٿو. ڪوئي ساڌارڻ اِنسان پنهنجو نقل پاڻ به نه ڪري سگهندو. پنهنجي اڄ جي حالت کي ڏٺل ٻئي ڏينهن تي دهرائي ڏسو ته پتو پئجي ويندو ته ناٽڪ ڪرڻ سولو ڪم ناهي. عام انسان کي رُئڻ لاءِ دک ڪيپي پر ڪلاڪار لاءِ دک جي ڪلپنا ئي ڪافي آهي. هڪ ڪلاڪار ڪالپنڪ دک جي آڌار تي نه فقط پاڻ روئي ٿو. پر درشڪن کي به روئاري سگهي ٿو.

- منوهر بيدي -

✿

گ: ڇا مان ڪائي ناجائز ڳالھ ڪري رهي آهيان ؟

ب: ناجائز نه آهي. پر وقت کان اول ضرور آهي.

گ: ڀلا آخر به ڪيستائين مان انتظار ڪندس. ان وچ ۾ ڪجھ ٿي ويو...

ب: ڪجھ به نه ٿيندو. يقين ڪر، تون منهنجي پيار جي ماڻ فقط شاديءَ
کان پوءِ ئي ٿيندين. اول نه

گ: ڪيستائين پئي پاڻ لڪايان؟ پئي تنهنجي اشاري تي نچان؟ جڏهن
چاهين ڪپڙا لاهي ڪٽي ڦٽي ڪيان ؟

ب: ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ جيڪا شرير جي گهرج آهي. اسين پوري
ڪيون پيا ٿا. جي جيڪا سماج جي گهرج هوندي، سو هوندي اها
به پوري ڪري ڇڏينداسين.

گ: جي دوکو ڏيئي ويندين ؟

ب: پوءِ به ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ اڄ مان توکي دوکو ڏيندس ته سڀاڻي
ڪوئي مونکي دوکو ڏيئي ويندو.

گ: جي منهنجو ڇا ٿيندو؟

ب: تون به ڪنهن بيوقوف کي ڦاسائي ڪٽي دوکو ڏجانءِ. حساب
پورو ٿي ويندو. آخر به ١٠٨ سالن جو جيڪڏهن مونکي آزمودو
آهي ته 4 سالن جو توکي به ته آهي.

گ: چوندي شرم نه ٿو اچيئي ؟

ب: اري، ڪندي نه آيو ته چوندي شرم ڇا ايندو!

(گ: زور زور سان روئي ٿي.)

ب) هي بيوقوف هندستاني ڇوڪريون - هي نالائق ڪڏهن عورتون
ٿينديون ئي ڪونه. شادي- شادي. شادي! اري جنم- جليبون ڪا
مار پوئيو، آخر شاديءَ ۾ اهڙو ڇو اچي سالا اٽڪيو آ ٿو؟ هنن
بيوقوف ڇوڪرين کي ته ڄمڻ ئي ڪنهن ڇوري جهڙي ڪيٽي گود ۾ ڦٽو
ڪن. صفا موڊ خراب ڪندي، گهٽ دماغ، سوار ٿي ڇڏيئي، شيطان جون

گ: هڪ گٽر، هڪ گندي نالي. هڪ ڪنڊ جنهن ۾ هرڪو اچي پيشاب ڪندو.
۽ ـ ۽ اهو سڀ تنهنجي ڪري ٿيندو.

ب: منهنجي ڪري ٿيندو !؟ ـ واه !! ڇو ته مان ڪوشش ڪندو بنهه پيشاب
ئي وينو هيان! هون !!

گ: سڄي ڳالهه اها آهي ته هاڻي مان هن ڪمري مان ننگو ٿي ڇڪي آهيان.

ب: ڇو؟ ڇو ٿي ننگو ٿين ! ڇا توکي هنرو ڪونه ٿو اچي؟ ڇا تون پنهنجي
بدن ۾ سگهن پر پيڙن ڪنڊڪنا بدن محسوس ڪونه ٿي ڪرين؟ ڇا تون
هڪ اهڙي ڳالهه جو آنند ڪونه ٿي وٺين. جيڪا جلائڻ کان وڌيڪ
جنهن انگ انگ کي ڪتي ڳترا ڳترا ٿي ڪري؟

گ: برابر آهي. سڀ ڪجهه محسوس ڪريان ٿي. پر ان سان گڏوگڏ
هڪ گاهه. هڪ گندي گاهه به محسوس ڪريان ٿي.

ب: ان گاهه مان به گلاب جهڙي خوشبوءِ ايندي هوندي.

گ: مان پاڻ کي هڪ رکيل. هڪ رنڊي هڪ بازارو عورت ٿي محسوس
ڪريان ۽ انهن لفظن مان مونکي بيحد بدبوءِ ٿي اچي.

ب: توهان پاڳل آهين. چريي آهين.

گ: مان پاڳل آهيان يا چريي آهيان. ڪجهه به آهيان پر هاڻي مان
وڌيڪ وقت تنهنجي خارش مٽائڻ واري مشين ٿي ڪري نه ٿي
جيئڻ چاهيان.

ب: ته توکي ڇا گهرجي؟ مون کي ڇڏي وڃڻ ٿي چاهين؟

گ: ڪاش، مان ائين ڪري سگهان.

ب: ته آخر ڪيئي ڇا؟

گ: مان توسان شادي ڪرڻ ٿي چاهيان. مون کي سڪٽا واعدا
نه ڪپن پر.....

ب: منهنجو سر کپيئي. منهنجو گهر کپيئي ـ منهنجو جيون کپيئي؟
منهنجو سڀ ڪجهه کپيئي.

ب: ايڏي لنبي نظر منهنجي ڪون آهي۔ هل نه هلون .

گ: مان نه هلندس- پر ڪيڏانهن ؟

ب: ڪنهن جوتشيءَ ڏي .

گ: نيٺ ٿي ڪو ٿي اٿئي نه مئو جوتشي ڇا ڪندو ؟

ب : توکي وشواس ڏياريندو .

گ : ڪنهن کي اول ٿي نا هي آبو هوندين .

ب: جنهن ئي ايترو به وشواس ڪونه اٿئي ان سان شادي ڪيئن ٿي ڪرين ؟

گ: هر ڳالهه جو وشواس آهي. فقط شاديءَ سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهين ئي شڪ ٿو ٿئي .

ب: ٺيڪ آهي. جي ايئن آهي نه هل هن پيٺ جي پنبان .

گ: ڇو هلان ۔ نه ٿي هلان .

ب : هل نه اُتي ڏ بڪاريا ڻ ئي رڇ ڪيئن نچندو آهي .

گ : پاڻ ٿي وڃي ڏس .

ب: مون نه هزارين دفعا ڏٺو آهي .

گ: مون به اهڙا بڪايل ۽ سنايل رڇ سوين ڏٺا آهن .

ب: جي ائين آهي نه ڏسبا بڏا ۽ نه هن رڇ ۽ ٻين رڇن ۾ ڪوئي فرق به آهي يا ٻيڪي ٻولي ٻا حسبن

گ: سڀ هڪ جهڙا ٿي آهن .ڪيي ۽ بس ڪيي. وڏا آيا آهڦا رڇ! ڪٿا آهن ڪٿا.

ب: ٺيڪ آ۔ هل نه ٻليا کي ڪئو ڪاڙائي اچان .

گ: ٻليا نه هڪ گهر ۾ به اٿئي .

ب: (زور سان) خاموش ! ڪني .اها منهنجي پيڻ آهي .

(گ: زور زور سان کلي ٿي .)

ب: بند ڪر اِهو ٽِلڪ ۔ نه نه . نه نه ...

گ : هاڻي Forwardness ۽ Frankness ڪيڏانهن ويئي ؟

تصويرون آهيو ٿوهان!

گ: تون-تون شيطان آهين- تون نيچ آهين.

ب: برابر مان شيطان به آهيان ۽ نيچ به آهيان ۽ فقط ان لاءِ جو تو سان نهه-پهه شادي ڪونه ٿو ڪريان.

گ: ڇهن سالن کي تون نهه-پهه ٿو چوين؟

ب: پر شاديءَ لاءِ منهنجو سر نه ڇهن مهنن کان پوءِ ٿي ڪائڻ شروع ڪيو هوءِ.

گ: پر توته مون سان پيار ٿي ان لاءِ ڪرڻ شروع ڪيو هو ڇوته مون سان شادي ٿي ڪرڻ چاهيئه.

ب: اُهانه هاڻي به ٿو ڪرڻ چاهيان.

گ: ته پوءِ ڪرين ڇونه ٿو؟

ب: اڃا حالتون سٺابون نه آهن.

گ: اهي ميون ماريون حالتون ڪڏهن سٺابون ٿينديون.

ب: جيئن ٿي ٿيون ته هڪدم شاديءَ جا ڪارڊ ڇپيا ويندا.

گ: مونکي شڪ آهي.

ب: پر مونکي پڪ آهي.

گ: تون مرد آهين. ان ڪري اينترو Confident آهين.

ب: ۽ تون عورت آهين ان ڪري شڪي اُرنگزيب آهين.

گ: مونکي پڪ ڏي.

ب: پڪ نه آهي ٿي. ڏيان ۽ ڇا؟

گ: ڪڏهن؟ ڪڏهن ٿو شادي ڪرين؟

ب: جلد.

گ: جلد معنيٰ ڇا؟

ب: جلد معنيٰ جلد- جلد ۾ جلد.

گ: جلد ۾ جلد ۽ جلد ۾ به ڪيترا سال هوندا آهن؟

کنھن پنھنجي جي تلاش

پاتر: سيما (س) ۽ آشا (آ): هم عمر ساهيڙيون.

(سيما پنھنجي ڪمري ۾ زمين تي پيل غاليچي تي ويٺي آهي. سندس پرسان هارمونيم پيو آهي. ڪمري جي باقي اڌ ۾ صوفا سيٽ ۽ ٽيڊري ٽيبل پيئي آهي. سيما پنھنجي رياض ۾ بلڪل مشغول آهي. ڪوئي سڏ سماءُ ڪونه اٿس.)

س: (هارمونيم تي) سا ري گ م پ ڌ ني
ني ڌ پ م گ ري سا.

(اوچتو سندس هم- عمر ساهيڙي آشا اندر ڪمري ۾ لنگهي ٿي اچي. پر سيما کي ڪائي خبر ڪونه ٿي پوي. هوءَ هارمونيم ۾ ٿي مگن آهي.)

آ: (ڪجھ زور سان) سيما! اري او سيما!

س: (اوچتو هارمونيم بند ڪري) اري آشا! ڪيڏي مهل آئينءَ؟

آ: آئي ته بلڪل هاڻي آهيان. پر توکي ڪائي ڳالھ به پوي ته ڪير آيو ڪير ويو.

س: (پنھنجي پاسي ۾ اشارو ڪندي) اچ - اچ، هليا آ- هتي ئي منھنجي پاسي ۾ اچي ويھ.

آ: (ويھندي) هن هارمونيم جي جنون ۾ تون ته سڄي دنيا کي وساري ويٺي آهين.

س: فقط دنيا؟

(اُٿي بيهي ٿي.)

اري پگلي، جنون جي حد دنيا کان گھڻو مٿي آهي. دنيا ته ماڻھو

پنهنجي پيءُ ڏانهن فقط اشارو ٿي محسوس ڪبو ته پاگل ڪتي
وانگر ڏاڙهون ٻڪين.

ب: ڪتي، ڪميني، بند ڪر بڪواس.

گ: مان ڇا بڪواس بند ڪريان. آڪيون کولي ڏسو ويجي. مٿان ڪنهن
پٽ جي پنيان ياوڻ جي هيٺان ڪوئي ٿنهنجي پيءُ کي ٻڌ ته
واعدن ۾ اقرارن جي ملائي چٽا ٻنڌو وهجي.

ب: (تمام زور سان) ڪتي !!!

(گ: پاگلن وانگر کلي ٿي.) ۽ چٽنو گل جي
آواز سان گڏو گڏ پردو ڪري ٿو.) 12.8.1985.

ايڪانڪي ناٽڪ.

هر يگ ۾ وقت انسان جي سمسيا پئي رهي آهي. تنهنڪري ڪهاڻي
ڏکي وڌيڪ اهميت ڏني وئي آهي. وياڪيا ۾ وڌاءُ ڪان منٿر
۾ سوتر وڌيڪ پسند ڪيا ويندا آهن جنهن ۾ طرح "مهاڀاريه" جو
ننڍو روپ ٿيو "ڪنڊڪاويه" ۽ "اُپنياس" جو ننڍو "ڪهاڻي" تيئن
ان طرح ناٽڪ جو ننڍو روپ ٿيو: "ايڪانڪي". ٽن يا
پنجن انڪن ۾ ختم ٿيندڙ ناٽڪ جي بدران هڪ ئي انڪ ۾ پورو
ٿيندڙ ڪٿ. ڪرتي! ٿورن لفظن، گهٽ گهٽ درشين ۾ ٿن ٿن
ڪردارن جي وسيلي جيون جي ڪنهن هڪ گهٽنا کي پيش
ڪرڻ ايڪانڪي جي تقاضا آهي.

ايڪانڪي ۾ ٽن گهٽي ميل واري سٽائنٽ جو پالن ڪيو
ويندو آهي. ٽرگهٽي ميل يعني وقت، ڪارڻ ۽ جڳهه جو ميل.
جنهن کي اولهه جي ودوانن هيٺين ظاهر ڪيو آهي.

Unity of time, place and action,

منوهر بيدي.

ميران جي مستيءَ پٺيان ڪرشڻ هو. ڪيئن؟ پاروتيءَ جي ڪٺور تپسيا جي
پٺيان هڪ شنڪر هو. ڇو. نه هو؟ هاڻي تون ٻڌاءِ ته تنهنجي هارمونيم
جي هن ساري گم پ ذ ني جي پردي ۾ ڪنهنجي پياري پياري سانوري
صورت ۾ من موهيندڙ مورت لڪيل آهي؟
(ڪاڏيءَ تي هٿ رکي ۽ اکين ۾ نهاريندي) ٻڌائيندينءَ نه مسڪي؟

س: (جوش ۾ آشا جو هٿ هٽائي) بڪواس بند ڪر آشا! بلڪل ڇري تي
پئي آهين. جيڪو تو منهن ۾ اچيئي سو ٿي جيئن تي واهيندي. خبر به
ڪونه ٿي پوئي ته ڇا ٿي بڪين - منهنجي سنگيت جي جنون ۾ پريم
جي پٺيان ڪوئي به اِنسان ڪونه آهي. سنگيت جي هن پريم جي پٺيان فقط
هڪ آنند آهي. من جي موج آهي ۽ دل جي ڀاونائن کي سُرن ۾ بدلڻ
جي هڪ چاهنا آهي، اکنڊ آنند جي ڀاونا آهي. ٻيو ڪجهه به نه!

آ: (شرارت مان) ۽ اُن آنند جي ڀاونا جي بئڪ گرائونڊ ۾ ڪير آهي؟

س: تنهنجو سر آهي.

آ: غلط آهي. گهڻن ۾ گهڻن پارٽ ۾ ته اهڙي ڇوڪري اچانڪ پيدا ٿي آهي.
جيڪا ڪنهن ٻئي ڇوڪريءَ کي اُن حد تائين پيار ڪري.

س: ته دنيا ۾ ائين ٿيندو آهي؟ ائين آهي ته ڇا ڇوڪريءَ ڪنهن ڇوڪريءَ سان
۽ ڪو ڇوڪرو ڪنهن ڇوڪريءَ سان اُن حد تائين پيار ڪري؟

آ: آهي پر اُن ڳالهه کي ڇڏ. اسان وٽ ان طرح جي پريم کي ڀڳتي
سڏبو آهي. ڏٺو ڪونه اٿيئي ڪئين مردن کي جيڪي پاڻ کي ڪرشن جون
گوپيون چوندا آهن؟

س: هائو برابر آهي. تنهنجون ڳالهيون ڪهڙيون نه آنند ڀريون آهن.
دل چاهيندي آهي توکي ڳالهائيندي رهه ۽ مان ٻڌندي رهان.

آ: (کلي) هاهاها! مسڪو نه لڳاءِ. مان ڳالهه کي ڇڏڻ واري نه آهيان.
ٻڌاءِ اُن سنگيت جي سُرن جي پٺيان ڪنهن جي پريت، ڪنهن جي
ڀڳتي سمايل آهي؟

معمولي معمولي ڳالهين تي وساري وهندا آهن.

آ: اڇا! ته تنهنجو جنون ۽ پاڳلپڻ ان حد تائين وڃي پهتو آهي؟

س: هون! (ڪنڌ لوڏي ٿي.)

آ: (شرارتي آواز ۾) پر آخر جنون ڪنهنجو؟
سنگيت جو يا.....؟

س: (آشا کيا اڏ ۾ ڪنڌي) ها. ها. سنگيت جو. سنگيت جو. جنون
سنگيت جو نه هوندو ته ٻيو وري ڇا جو هوندو؟

آ: (ڪنڌ لوڏي) نه. نه! مون کي ته تنهنجو جنون سنگيت لاءِ نه
ٿو لڳي. ڳالهه ۾ مڙيئي ڪٿي ڪو وڪڙ آهي.

س: توکي ته سڌيءَ ڳالهه ۾ به وڪڙ نظر ايندو آهي. ڪڏهن
ڪڏهن ڳالهه تي وسواس به ڪبو آهي؟ يا ڪ خود ڏسين پئي ٿي....
(هارمونيم ڏانهن اشارو ڪندي.)
سڄو ڏينهن هارمونيم وٺي ويٺي آهيان. اڇا ته توکي اهين
ٿو لڳي ته مون کي سنگيت جو جنون ڪونه آهي؟ ڪمال آ!

آ: (شرارت مان مرڪندي) مون ٻڌو آهي ته هر جنون، هر پاڳلپڻ
۽ هر ديوانگيءَ جي پٺيان ڪانه ڪا جاندار ۽ خوبصورت شيءِ
هوندي آهي. ڪوئي انسان، ڪوئي ماڻهو، ڪوئي دلبر.

س: (ويچارا ڏيندي) جاندار ۽ خوبصورت شيءِ هوندي آهي.
ڪوئي انسان، ڪوئي ماڻهو، ڪوئي دلبر.... تنهنجو سر. هون....

آ: (ٻئي هٿ پڪڙيندي) آءٌ مودگارن ته اهين چيو آهي. تون شايد دنيا جي قانونن
کان مٿي هوندينءَ.

س: (ڪجهه خفي ٿي) تنهنجي بڪواس مون کي بلڪل سمجهه ۾ ڪونه ٿي اچي.
تون آخر چوڻ ڇا ٿي چاهين؟ آخر تنهنجو مطلب ڇا آهي؟

آ: (جڻ سمجهائيندي) تانسين جي تان پٺيان تاني هئي. هئي!
ٻئجو باوري جي آلاپ پٺيان هڪ ساوري سلوڻي نوري هئي. ڪون هئي؟

س: هائو ممڪن آهي. زندگي هڪ اهڙي سفر جو نالو آهي. جنهن جي منزل جي ڪنهن کي خبر ڪونهي پر تلاش جاري آهي. ملندو ڇا. نه توکي خبر نه مون کي. پر ڪجهه نه ڪجهه ضرور ملندو.

آ: توکي ڇا جي اُميد آهي؟

س: ڪنهن پنهنجي جهڙي ڪنهن اهڙي شيءِ جي جنهن کي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجهه به ٻيو حاصل ڪرڻ جي دل ۾ نه چاهنا پيدا ٿئي نه اُميد.

آ: ۽ سنگيت؟

س: سنگيت لهرن جي برابر آهي. اِهي لهرون منهنجي من ۾ آنند جو ساگر پيدا ٿيون ڇڏن.

آ: پر اِن سنگيت جي لهرن جي ڏور ۾ ڪنهن کي ٿي پڪڙڻ چاهين؟ ڪير آهي اُهو خوشنصيب؟ ڪنهن جي تلاش ۾ تون ايترو حيران پريشان آهين؟

س: غلط. ڪنهن پنهنجي جي تلاش هوندي ته منهنجي دل ۾ مان ڇو ٿينديس ڪنهن لاءِ حيران پريشان؟ سنگيت هڪ ساز نه آهي.

آ: سيما! مان به اِهو ئي ته ڄاڻڻ چاهيان ٿي ته تنهنجي اِن ساز نا جي پٺيان ڪنهن جي تلاش آهي!

س: مون کي ڪائي خبر ڪونه آهي. مان بلڪل بيخبر آهيان.

آ: توکي به خبر ڪونهي؟ ڇا اهو ممڪن آهي ته تون ڪجهه ڳولهين ۽ ان ڳالهه کان ناواقف هجين ته ڇا ڳولهي رهي آهين؟

س: مون کي نه ڪائي چاهنا آهي ۽ نه اُميد. مان ڪنهن کي به ڳولهي ڪونه رهي آهيان.

آ: توکي نه ڪائي اُميد آهي. نه چاهنا ۽ نه تلاش؟

س: تون بلڪل ٺيڪ چئي رهي آهين.

آ: ۽ سنگيت؟

س: آنند جي تلاش. من جي خوشيءَ جي تلاش. پنهنجو پاڻ کي ڳولهي لهڻ جي تلاش.

س : پرماتما جي، صرف پرماتما جي.

آ : مون کي بيوقوف سمجهيو اٿئي ڇا؟ پرماتما سان پيار ڪرڻ کان اڳ انسان کي دل ڏيڻي پوندي آهي. سورداس جي وشيا پريمڪا چنتامڻيءَ کي ڀلجي وئين؟ تلسيداس جو پتني پريم ياد ڪونه اٿئي؟ دنيا شايد ان ڳالهه تي وشواس نه ڪري پر جي جيئرا هجن ها ته شايد مجنون ۽ فرهاد، روميو ۽ رانجهو سنسار جي مهان ڀڳتن مان سمجهيا ۽ مڃيا وڃن ها. هو پريم جي ڏاڪڻ نه چڙهي چڪا ها. هاڻي فقط ڀڳتيءَ جي ڪمري ۾ پير رکڻو هون.

س : هاڻي فلاسافي بند ڪر. اهي ليڪچر وڃي ڪنهن روشن دماغ سنياسين جي اڳيان ڪر. مان فقط سنگيت جو آنند ماڻڻ لاءِ سنگيت سکي رهي آهيان.

آ : پر سنگيت جي لهرن جي ڏور ۾ ڪنهن کي ٻڌڻ چاهين؟ ڪير آهي اهو خوش نصيب؟

س : ڪوئي به نه. ڪوئي به نه. ڪٿي به نه.

آ : ڪنهن پنهنجي جي تلاش تنهنجي دل ۾ هوندي.

س : پنهنجي جي تلاش ڪنهن کي نه هوندي؟ آشا، هن دنيا ۾ اچون ٿي ڇو ٿا؟ هي جنمن جو چڪر آهي ڇا لاءِ؟ اسان جيستائين بار بار جنم وٺندا رهندا اسين. جيستائين ڪوئي پنهنجو پراپت نه ٿيو آهي. هر جنم هڪ کوج آهي. هڪ تلاش آهي ۽ هڪ جستجو آهي. ان جو ئي نالو آهي پريم، عشق، محبت ڀڳتي ۽ پوڄا.

آ : سڀ مان اهوئي ته ڄاڻڻ چاهيان ٿي ته تنهنجي ان ساڌنا پٺيان ڪنهن جي تلاش آهي.

س : مونکي اها خبر ڪونهي.

آ : توکي خبر ڪونهي؟ ڇا اهو ممڪن آهي ته تون ڪجهه ڳولهين ۽ ان ڳالهه کان تون واقف نه هجين ته تون ڇا ڳولهي رهي آهين!

(١٤) ڪجهه ختم نه ٿو ٿئي.

پاتر: (١) سُرُوچي (س) وڪاس جي سورگواسي پتني.
عمر تقريباً 30 سال.
(٢) وِڪاس: سُروچيءَ جو پتي. ڊاڪٽر، عمر 35 سال
سامگري: صوفا. ٽيبل. تصوير. هار. ٿالهي. ڌُوپ. اگربتيون.

(اُلهاسنگر- 3 ۾ اَڏيل هڪ سوسائٽيءَ جي فليٽ نمبر 302 جو هڪ ڪمرو. ڪمري کي ٻه در آهن. درشڪن جي ساڄي پاسي وارو در هال ۾ کلي ٿو ۽ کاٻي پاسي وارو بالڪنيءَ ۾ کلي ٿو. سامهون ديوار سان لڳل هڪ صوفو پيو آهي. جيڪو سمهڻ لاءِ بيڊ جو ڪم به ڏئي ٿو. صوفا تي ڪجهه وِهاڻا به پيل آهن. بالڪنيءَ ڏانهن کلندڙ دروازي واريءَ ديوار سان لڳل هڪ ميز پئي آهي جنهن تي هڪ 30 کن سالن جي عورت جي تصوير پئي آهي. تصوير جو منهن درشڪن طرف آهي. تصوير تي گلن جو هار پيو آهي ۽ پاسي ۾ هڪ ٿالهي پئي آهي. جنهن ۾ اگربتيون ۽ ڌُوپ جلي رهيو آهي. اگربتين ۽ ڌوپ جو دونهون ڪمري ۾ پکڙجي رهيو آهي. هن وقت ڪمرو بلڪل خالي آهي. ڪمري جون ديوارون به بلڪل خالي آهن.

اوچتو سنگيت جي لهرن تي ترندڙ بون هيٺيون سٽون ڪمري ۾ ڦهلجي وڃن ٿيون. رچنا جو وئراڳيه رس ماحول کي گنڀير ۽ چارئي بڻائي ٿو ڇڏي. وچ وچ ۾ ڪمري ۾ بلڪل اَنڌيرو ڇانئجي وڃي ٿو. روشنيءَ جو هڪ دائرو فقط تصوير جي چهري کي روشن ڪري ٿو.)

سلوڪ:- (هردائي آواز ۾)

جڳ رچنا سڀ جهوٺ هئه، جاڻ ليهه ري ميت!
ڪهه نانڪ ٿِر نا رهي، جيئون بالو ڪي ڀيت!!

آ: شڪر آهي ڀڳوان جو. اڄ ڳالهه نه مڃيئه.

س: مون ڪجهه ڪونه مڃيو آهي. مون ڪجهه به قبول نه ڪيو آهي.

آ: اِهو نه مڃيئه نه نه تلاش جي چاهنا پيدا ٿي اٿئي؟ هاڻي هڪ ڏينهن اِهو به مڃيندين ته ان تلاش جي پٺيان ڪنهن جي صورت هئي. ڪنهن جي ڪشش هئي. ڪنهن جو پيار هو ۽ ڪنهن جي طلب هئي!

س: آتشا، منهنجي ڳالهه گهنڊ ٻڌي ڇڏ. مان ڪجهه به ڪونه مڃيندس. ڪجهه آهي ئي ڪونه ته قبول ڇا ڪندس؟

آ: غلط! بلڪل غلط! تون ضرور مڃيندين! چڱو. ٽاٽا تلاش جاري رک. سنگيت جو جار پکيڙي ڇڏ. پاڻهي هڪ ڏينهن پنهنجو پيو ان ڏور ۾ ڪير ڦاٿو، ان ڏور ڪنهن کي ڇڪيو ۽ اُن ڏور ۾ ڪهڙي ڪٺ پتلي ٻڌل هئي! سيما آءٌ اٿم ساري! ڪٺ پتلي نه پر ڪٺ-پتلو!

(آتشا کلندي کلندي ٻاهر هلي ٿي وڃي. سيما وري هارمونيم جي سامهون وڃي ٿي ويهي.)

س: (هارمونيم تي) سا- ري- گ- م- پ- ڌ- ني....
ني- ڌ- پ- م- گ- ري- سا....

(پردو ڪري ٿو.) 9.2.81

- سمپورڻ پرياءُ -

اُهي ودوان، اُهي گياني پرش گهٽ ڀاڳي صحيح ها جن سمپورڻ ساهتيه کي ڪاويه ۽ ڪاويه کي هڪ پرش ڪري مڃيو. ساهتيه جون وڌائون ڪاويه- پرش جا انگ آهن. جيڪڏهن هر هڪ وڌا (صنف) جي تتن کي ڌيان ۾ نه به آڻجي ته به هڪ تت اهڙو به آهي جنهن ۾ سمورا تت شامل آهن. اهو تت آهي: سمپورڻ پرياءُ. ساهتيه جي سڀني وڌائن جا تت، ان هڪ تت کي حاصل ڪرڻ لاءِ رچيا ويا آهن.

- منوهر بيدي -

اوچتو اُن نيم تاريڪ ڪمري ۾ ڪي نه - سمجهه - ۾ - ايندڙ سرگوشيون گونجڻ ٿيون جيڪي جلد ئي ڌيمي ڌيمي ٿيندي ٿيون - ڀڻ ڀڻ ۾ بدلجي وڃن ٿيون.)

سرگوشي: (ڇٽي ۽ صاف) جي تون نه وڃين ها ته ڇا ٿئي ها؟ جي تون نه وڃين ها ته ڇا ٿئي ها؟ جي تون نه وڃين ها ته ڇا ٿئي ها؟ جي تون نه وڃين ها ته ڇا ٿئي ها؟

(سرگوشين جي درميان ڪمري جي ٻيهي روشني ڏيري ڏيري تيز ٿيندي وڃي ٿي. اوچتو سرگوشي بند ٿي وڃي ٿي. ڪمرو نيري روشنيءَ سان ڪافي روشن آهي.

اوچتو هال واري دروازي مان سروجني داخل ٿئي ٿي هوءَ گلابي رنگ جي لنبي چوغي ۾ ملبوس آهي. چوغو شفاف آهي ان ڪري سروجنيءَ جو سڊول بدن ۽ دلڪش جوڀن ان مان ليٽا پائي پائي جهاتي ته ڄڻ گرد ڪامنائن ۽ واسنائن جو جار ڦهلائي رهيو آهي. هن جي جسم جي رنگ سان ميل ڪائيندڙ ڳاڙهي ۽ ائبروئيڊر هن جي آڱرين کي ڍڪي گهٽن پر ڪريان وڏيڪ ڪري رهيو آهي. هوءَ هلڪي هلڪي قدمن سان هلندي هلندي ٺيڪ وڪاس جي سامهون اچي بيهي ٿي رهي.)

س: (سرگوشي ڪندي) وڪاس!..... وڪاس.... وڪاس.....

(وڪاس فقط ڪنڌ ڏوڏي ٿو پر مڪمل هوش ۾ ڪونه ٿو نظر اچي.)

س: (عجيب نوع سان) وڪاس! آڪيون ڪول..... مون ڏانهن نهار.... ڇا مون کي بلڪل ڪونه ٿو سڃاڻين؟..... ڇا ايترو جلد مون کي بلڪل وساري ڇڏيئه؟..... مان سروجني آهيان... سروجني.... تنهنجي سروجني.....

(ڀاڻتر وڪاس اکيون کولي سروجنيءَ ڏانهن نهاري ٿو. وڪاس جون اکيون ڦاٽي ٿيون وڃن.)

و: (صوفا تي ٺيڪ طرح ويهندي) تون، ڪير آهين؟..... ڪير آهين تون؟

- سنگ سڪا سڀ ٽنج ڪيئي. ڪوئو نه ٻڌيو سات!
  ڪهه مانڪ اِس ٻيٽ سيءِ. ٽيڪ ايڪ رڳهنات!!
- چنتا تاڪي ڪيجئي. جو اَڻهوني هوءِ!
  اِلا مارڳه سنسار جو. نانڪ ٽِر نهين ڪوءِ!!

(سلوڪ پورا ٿيندي ئي ٻاهران آواز اچي ٿو. آواز گهرو، گنڀير ۽ ڪافي
اَثر دار آهي. ان وقت ڪمري ۾ اونداهه ٿي وڃي ٿو. فقط هڪ ڳاڙهو
دائرو سُرو چيٺ جي تصوير کي روشن ڪندو رهي ٿو.)

آواز: موُت پرماتما جي وجود جو ثبوت آهي. جنم کي روڪڻ ممڪن
آهي. پر موُت اَروڪ آهي، اٽل آهي، اَوشيميا وي آهي. هيءُ سرشٽي
جي اُهاشڪتي آهي جنهنجي اَڳيان - لک سياڻپون ڪيجئي. اِڃي نه چلي
(ٺيڪ اُن وقت ڊاڪٽر وِڪاس ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو. هو جينس ۽
شرٽ ۾ ملبوس آهي پيرن ۾ لوفر شُو پيو اٿس. هو ڌيري ڌيري
هلندو اچي سيٺ جي تصوير جي پرسان بيهي ٿو. ان وچ ۾ ڪمرو
روشن ٿي وڃي ٿو. ڪجهه دير تصوير ڏانهن ٽڪٽڪي لڳائي نهاري
ڪانپوءِ وِڪاس تصوير جي چهري تي ساجو هٿ ڦيرائي ٿو ۽ جيب
مان رومال ڪڍي اکيون اُگهي ٿو. ڌيري ڌيري هلندو اچي صوفا
تي وهي ٿو ۽ اکيون بوري ٿو ڇڏي.)

و: (پاڻمرادو) سيٺ جي! جي توُن نه وڃين ها ته چا ٿئي ها؟ موسان
جي ڪجين ها ته چا ٿئي ها! جي توُن نه وڃين ها ته چا ٿئي ها؟
(ڊاڪٽر وِڪاس خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجو ڪنڌ ڪُلهي صوفا جي
ٽيڪ تي رکي.

اوچتو ڪمري جي روشني مڌم مڌم ٿيندي ٿي وڃي ۽ آخر ۾ جهڪي
نيرال ڦهلجي وڃي ٿي. ڊاڪٽر وِڪاس، جي ليٽڻ جي حالت مان اِئين
لڳي رهيو آهي ڄڻ هو ڪنهن قسم جي ٽرانس ۾ اچي ويو آهي.

مايا جال ان لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. جيئن تون اُن آتما کي سڃاڻي سگهين. جيڪا آتما سروچيءَ جو نالو ڌارڻ ڪري ۽ هڪ خاص قسم جي روپ، رنگ ۽ آڪار سان تنهنجي سمپرڪ ۾ آئي هئي ۽ جيڪا آتما پنهنجي لمبي ياترا جي دوران ڪجهه عرصي لاءِ تنهنجي پتني بڻي هئي....

(ڊاڪٽر وڪاس پنهنجو مٿو ڪٽي ٿو پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي ۽ ڪجهه دير بعد صوفا تان اُٿي، سروچيءَ جي سامهون بيهي هن جي اکين ۾ نهاري ٿو.)

س: ڊاڪٽر وڪاس! آتمائن کي حصن ۾ ڌار نه ڪري سگهبو آهي. آتمائون پاڇا آهن. دونهان آهن. نظرن جا دوکا آهن. ان ڪري اُهي ڪيترو به روپ - آڪار ڌارڻ ڪري سگهنديون آهن. دلفريب ۽ نظر نواز به ته هولناڪ ۽ دهشت انگيز به! هن وقت مان تنهنجي سامهون سروچيءَ جي روپ ۾ بيٺي آهيان. چاهيان ته هڪ پل ۾ اهڙو ته ڀيانڪ ۽ ڪراهت ڀريو روپ ڌارڻ ڪري سگهان ٿي جو چڱي ڀلي همت واري انسان جي به دل ڪنبڻ لڳي ۽ رڙيون - واڪا ڪري ڀڄڻ ۾ ئي سلامتي محسوس ڪري....

(ڊاڪٽر وڪاس ڌم سان صوفا تي ويهي ٿو رهي.)

س: پر مان توسان ائين نه ڪنديس. آخر به تون منهنجو پتي رهي چڪو آهين. اننت ياترا جي دوران تون ڪجهه قدمن سان گڏ هليو آهين. تو مون کي بيحد پيار ۽ وشواس ڏنو آهي ۽ پنهنجائپ ڏني آهي.

(ڪجهه دير مڪمل خاموشي رهي ٿي.)

س: مان تنهنجن احسانن ۽ قربن جو بوجهه کڻي ياترا تي اڳتي وڌي نه ٿي وڃڻ چاهيان.....

و: تون چوين ڇا ٿي؟ مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه اچي رهيو آهي.

س: ان ۾ ڪائي عجب جي ڳالهه نه آهي. اڪثر موت کان پوءِ ئي ماڻهن کي

س: وِڪاس! مان سوچي آهيان.... سوچيا تنهنجي پٺيان..... سوچيا،
جيڪا ڪجهه ٿي عرصو اڳ تنهنجي جيون ساٿڻ هئي ۽ هاڻ وقت فقط
هڪ بيجان تصوير جيان صورت ۾ تنهنجي ٽيبل تي پيئي آهي...

و: تون سوچيا ڪونه آهين....

س: ڇا مان سوچيا لڳان ڪونه ٿي؟

و: لڳين ٿي، پر آهين ڪونه.

س: جيڪڏهن مان سوچي نه آهيان ته ڪير آهيان؟

و: سوچيءَ جي همشڪل.... يا سوچيءَ جو هيڪ اڀ ڇيل هڪ
فراڊ، هڪ چيٽ، هڪ دوکو، هڪ فريب، ڪنهن منصوبي جو بنياد...

س: وِڪاس! مون کي هر غلط خالي سان سڏ بيءَ.... مون تي هر غليظ الزام
ڌر بيءَ.... پر وِڪاس! مون کي سوچيءَ جي آتما يا سوچيءَ جو
پريت يا ڀوت سڏڻ وسري ويئه ڇا؟

و: مون کي آتمائن ۾ ڀوتن، پريتن ۾ بلڪل بلڪل وشواس ڪونه آهي.

س: مان تنهنجا اندر وشواس متائڻ آئي آهيان. مان تنهنجي
اندر ۾ ڪي نوان گيان، ڪي نوان وشواس ۽ انهن جا مضبوط آڌار
۽ بنياد پيدا ڪرڻ آئي آهيان. مان نه فراڊ آهيان، نه چيٽ آهيان ۽ نه
ڪو ڪي دوکو يا فريب آهيان. مان هڪ حقيقت آهيان. مان
سُروچي آهيان. مان سُروچيءَ جي اشريري هستي جو سُروچيءَ
جي آتما جو وجود آهيان.....

و: (وچ ۾ ڪٽيندي) تون ڪالهه کي اشريري آتما ڪيئن ٿي سڏين؟
تنهنجي آتما ڪٿي آهي؟ تون منهنجي سامهون بيٺي آهين. تون
شريري نه آهين ته ڇا آهين؟

س: وِڪاس، تو کي جيڪو شرير نظر اچي رهيو آهي، اهو سالڊ شرير
نه آهي. اهو هڪ قسم جو دونهون آهي. هڪ قسم جو پاڻيءَ جو
آڪار آهي. اهو نظر جو دوکو آهي. اهو دوکو، اهو جادو، اهو

وِ: تون فقط منهنجي لاءِ آئي آهين! يعني مون کي پاڻ جهڙو بڻائڻ لاءِ آئي آهين؟ مون کي هڪ آشريري آتما ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ آئي آهين؟ ڇا تون اِن لاءِ آئي آهين جيئن ماڻهو مون کي مساڻ ۾ جلائين. منهنجيون پڪيون يون ڪري ۽ مون کي ڏاڪٽر وِڪاس جي بدران سورگواسي وِڪاس چوڻ شروع ڪن؟

س: (ڇڇڙ زور سان) وِڪاس! تون پاڳل نه هوندي به پاڳلن جهڙيون ڳالهيون ڇو ڪري رهيو آهين؟ مان توکي مارڻ لاءِ ڪونه آئي آهيان....

و: (چيخ ڪري ۽ سُروچيءَ ڏانهن ڏسندي ڪنڌي) تون ڪوڙ ڳالهائي رهي آهين......

س: آتمائون ڪوڙ نه ڳالهائينديون آهن......

و: جيئن روپ-رنگ ۽ آڪار تبديل ڪري سگهن ٿيون، اُنهن لاءِ ڪوڙ ۽ سچ ۾ ڪوئي فرق به ڪونه هوندو....

س: وڪاس! چيخون نه ڪر. اَجايون ڪلپنائون نه ڪر. اَجايا اَنومان نه لڳاءِ. اَجايا بحث نه ڪر. ڌيرج ڌار. مون تي وشواس ڪر. ڌيان سان منهنجي ڳالهه ٻڌ.

و: (ڪُجهه ڪاوڙ سان) ٺيڪ آهي. چؤ. ڇا ٿي چوڻ چاهين؟ جلدي ٻڌاءِ. جيڪو ٻڌائڻ ٿي چاهين.

س: (وڪاس جي اکين ۾ نهاريندي) وڪاس! مون کي خبر آهي ته تون سپا ڪان وڌيڪ ڪنهن کي نفرت ڪندو آهين. مون کي خبر آهي ته ڪهڙو اِنسان سدائين منهنجي ترقيءَ جي رستي جي رڪاوٽ ثابت ٿيو آهي. مون کي خبر آهي ته ڪهڙي ماڻهوءَ توکي وڌيڪ ۾ وڌيڪ نقصان پهچايا آهن. وڪاس، مون به اُن دُشمن کي ڪونه وساريو آهي. جنهن اسان جي گهر جي عزت سان کلواڙ ڪئي. جنهن اسان جي وشواس جو اجوڳو فائدو ورتو ۽ جنهن دوست جي روپ ۾ اسان جي دشمن سان ملي. اسان جي زندگين ۾ زهر ڀريو ۽ اسان جي خوشين کي نيست نابود ڪيو.....

و: (ڌيرج سان) سُروچي! وساري ڇڏ اُهي ڳالهيون! اسان اُهي لڪ

موت کان پوءِ وارين حالتن، شڪتين ۾ ڪهڙورين جي چالِ پوندي آهي...

(سروچيءَ مرڪي ٿي ۾ مرڪندڙ چهري سان ڪجهه دير ڊاڪٽر وڪاس ڏانهن نهاريندي رهي ٿي.)

س : وري ٻيو جنم. وري پاترا شروع. وري اڳلين پاترائن ۾ جنمن جون سمرتيون غائب! ڊاڪٽر صاحب، اِهوئي آهي مايا جار، اِهوئي آهي سنسار جو چڪر. اِهائي آهي پرڀوءَ جي ليلا.

و : جيڪڏهن توهان سروچي آهيو : سروچي، مون کي ٻڌاءِ ته جي پاترا اننت آهي ته جنمن ۾ موتن جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟.....

(سروچي زوردار ٽهڪ ڏئي کلي ٿي. وڪاس عجيب نظرن سان هن ڏانهن نهاري ٿو.)

س : ڊاڪٽر وڪاس! جيڪڏهن اننت پاترا يڪسري هجي. جيڪڏهن اننت پاترا جنم ۾ مرتيوءَ جي پڙاون ۾ وِرهايل نه هجي ته هوند انسان پاگل ٿي وڃي، چريا ٿي وڃن، دماغي توازن وڃائي وهن!

وڪاس! اِنسان جي زندگيءَ جا آڌار آهن. سپنا، وشواس، آشائون، اَنِشنا ۽ چاهنائون! موت نه هوند ته اِهي آڌار به نه رهندا ۾ اِنسان ڪوئي ڪرم ئي نه ڪندو. سڄو سنسار هڪا هڪ ٿي پاڳلخاني ۾ بدلجي ويندو. جنهن جي توهان هن وقت سپني ۾ به ڪلپنا نه ڪري سگهندي. پرماتما هي مايا جار انسان جي ڀلي لاءِ ئي قُهلايو آهي. ياد رک، سڄي دنيا سڄي ڪائنات غلطيون ڪري سگهي ٿي، ايل هڪ ڪرتار ئي آهي!

و : مون مڃيو ته ايل هڪ ڪرتار.... پر تون مون وٽ ڇو آئي آهين؟ تو کي ڇا گهرجي؟

س : مون کي پنهنجي لاءِ ڪجهه به نه گهرجي. مان فقط تنهنجي لاءِ آئي آهيان. وِڪاس فقط تنهنجي لاءِ!

رڙهندي. ڏڪندي رڙهندي.....

(بالڪنيءَ جي طرف واريءَ ديوار تي ان طرح جي روشني پوي ٿي. جڻ نه ڪائي ڪار اچي رهي آهي. ڪار جي ڊوڙڻ جو آواز جاري ٿي ٿو وڃي. اوچتو آواز بند ٿي وڃي ٿو.)

س: هي ڪار....

(ڪار جي ڪنهن اونهيءَ کاهيءَ ۾ ڪرڻ جو آواز. ديوار تي نظر ايندڙ ڪار - جي - اچڻ جهڙي روشني غائب ٿي وڃي ٿي. ڪمري ۾ هاڻي مڪمل انڌڪار آهي. ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي.

اوچتو ڪمرو روشن ٿي وڃي ٿو. احساس جي روشني آهي. جيڪا بالڪنيءَ جي دروازي مان اندر اچي رهي آهي. ڪمرو خالي آهي. صوفا تي هڪ اخبار پئي آهي.

هال واري طرف کان وڪاس ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو. صوفا تان اخبار کڻي سرخين تي نظر وجهي ٿو.)

و: (اوچتو زور سان اخبار پڙهندي) اڙي! زبردست حادثو! ڪار کاهيءَ ۾ ڪري جلي خاڪ ٿي وئي!.....

(اخبار تي تڪڙيون تڪڙيون نظرون ڦيرائيندي) هون - هون - هون - هون - هون - هون....

پرسنٽ ڏيو گپتي کل پوشڻ جو انيڪ زخمن سان ڀريل اڌ - جليل لاش..... هي ڀڳوان!

(پردو ڪري ٿو.)

24-27 Dec 1987.

لنگهي آيا سين... اڄ اسان تي پرمانما جي ڪرپا آهي ۽ دشمن پنهنجي ڪيتي جو ڦل ڀوڳي رهيا آهن...

س: وڪاس، شايد توکي خبر نه هجي ته منهنجي موت جو ڪارڻ دشمن جا ڪرتوت ها... الائي ڇو ڪهڙا ڪهڙا انديشا هميشه منهنجي دل کي پيا ڏکائيندا ها. منهنجا وڪاس، انهن انديشن ڏينهن ۽ خوفن ئي مون کي ٻي موت ماري پورو ڪيو. نه ته اها عمر ڇا منهنجي مرڻ جي عمر هئي؟ اندر اهڙو ته ڪا جي ويو هو جو ڪوئي علاج ڪارگر ثابت نه ٿيو ۽ ڪائي دوا ڪم نه آئي.....

(سروچي اوچتو زور سان چيخ ڪري ڳالهائي ٿي.)

وڪاس! گل-پوش کي دنيا جي ڪائي طاقت بچائي نه سگهندي... هن کي مرڻو آهي ۽ هو اوس مرندو!

و: (وچ ۾ ڪٽيندي) ڇا تون هن جو خون ڪندين سروچي؟

س: (کلندي) وڪاس، هان زنده انسان ڪون آهيان... هان دنيا جي قاعدن قانونن کان ڪافي مٿي آهيان، ڪافي پري آهيان..... هان خيال آهيان. هان وچار شڪتي آهيان. هان خيال جي روپ ۾ ڪنهن به انسان جي دماغ ۾ داخل ٿي ڪري هن کان ڪهڙو به ڪم ڪرائي سگهان ٿي. جسم انسان جو هوندو پر خيال هان هوندس. سمجهين ٿو نه وڪاس؟ دنيا جا قانون جسمن کي پڪڙي سگهندا آهن، خيالن کي نه!

و: پر سروچي! آخر به تون ڪرڻ ڇا ٿي چاهين؟

س: گل-پوش ڪار ۾ سوار هوندو...

(ڪار جي اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز).

ڪار گهاٽن وٽ پهچندي....

(ڪار جي ڊوڙڻ جو آواز بريڪ. رفتار. بريڪ رفتار)

ڪار ڏکندي رهندي. ڏکندي رهندي، ڏکندي رهندي، ڏکندي

شڪ ڪان مٿي

پاتر: (١) پرجاپتي: گهر جو وڏو - ڳوٺ جو مکي - (پيرو)
لباس: ڪرتو - پاجامو - شال - عينڪ - لڪڙي - چمپل
(٢) پٽ-١-: لباس: سفاري - شو بوٽ.
(٣) پٽ-٢: لباس: پينٽ، قميض - شو بوٽ.
(٤) پٽ-٣: لباس: ڪرتو - پاجامو، چمپل.
(٥) پٽ-٤: لباس: پينٽ، ٽي شرٽ، لوفر شو.
(٦) هرجي (عمر) ڀڳت قسم جو نوڪر.
لباس: پتلون، گنجي، انگوڇو، ٽوپي، چمپل
(٧) رامچند (ڀاءُ) آفيس ڪلارڪ.
لباس: پينٽ، شرٽ، چمپل.
سامگري: ١) صندل ٢) اسٽول ٣) تلسي ۽ شاليگرام.
٤) بريف ڪيس ٥) چار گڏيون ٦) ماچيس
٧) بيڙيون ٨) اگربتيون ۽ ڏوپ.

(پردو کُلڻ تي ڪنهن وڏي گهر جو آڳنُ نظر اچي رهيو آهي. ڏينهن آهي ان ڪري روشني ڪافي آهي. آڳنُ گهڻي ڀاڱي خالي آهي. سامهون واري ديوار تي ڪنهن ڪوئلي سان چوٿ جو چنڊ ڪڍيو آهي. ديوار جي هڪ پاسي ٩ جو انگ لکيو پيو آهي. منچ جي هڪ طرف صندل پيل آهي. ان جي اڳيان درشڪن جي قريب ٿلهي تي تلسي رکيل آهي. تلسيءَ ۾ شاليگرام به پيل آهي. پرجاپتي ٻاهر اچي ٿو ۽ آڳنُ جي وچ ۾ اچي بيهي ٿو. پنج ڪن سيڪنڊ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. ۽ پوءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ آماده

ناٽڪ جي اُتپتي.

منوهر بيدي.

(پردو کلڻ تي اسان ڏسون ٿا ته برهما آسڻ تي ويٺو آهي. سنگيت وڄي رهيو آهي. شو تانڊو نرتيه ڪري رهيو آهي. ڪجهه دير بعد سنگيت ۾ ڦيرو اچي ٿو ۽ پاروتي لاسيه نرتيه شروع ڪري ٿي. نرتيه جي دوران آواز اچي ٿو.)

آواز: شو جي تانڊو ۽ پاروتيءَ جي لاسيه نرتيه جي مڌر سُر لهرين جي سهاري سرشٽيءَ ۾ نرتيه ڪلا جو سماويش ٿي رهيو آهي.

(ٺيڪ ان وقت اندر ۽ ڪجهه ديوتائون رهيا، اُروشي ۽ مينڪا ساڻن گڏ اچن ٿا.)

اندر: هي وشو جا اُتپادڪ برهما ۽ هي وناشڪ شو! اندر جو پرڻام سويڪار ڪريو. مهان هڪ پليه ٿا ڪيئي توهان وٽ آيو آهيان. ترتا يگ جي شروع ٿيندي ئي ڏٺو ويو ته انسان ڪام ڪروڌ مد لوڀ موهه اهنڪار جي ور چڙهي ويو آهي. اسان جي اِڇا آهي ته توهان ڪنهن اهڙي وسيلي جي رچنا ڪريو جنهن جي ڪري وڪارن جو ناس ٿئي ۽ انسان ۾ سٺي مت پيدا ٿئي.

برهما: توهان جي اچڻ کان اڳ ئي مون کي خبر هئي ته توهان ايندا. ان ڪري ئي شو شنڪر پاروتيءَ سميت هتي موجود آهي. وشوءَ وچار ترنگن جي رستي پنهنجي سهمتي ۽ آشيرواد هو ڪلهي ڏني آهيا. هي ڏسو مون ان سڀني کي ڌيان ۾ رکي ڪري هن پنجين ويد جي رچنا ڪئي آهي ۽ ان تي نالو ڏنو آهي.

ناٽيه ويد ۾ رگ ويد مان سمواد ڪلا، سام ويد مان گيت سنگيت ڪلا، يجر ويد مان ابنيه ڪلا ۽ اٿرو ويد مان پيار رس ۽ آنند جي ڪلا کڻي ان ۾ انهاس ۽ منوويگيان جو انش ملايو ويو آهي. شو ۽ پاروتيءَ جي جوڙي ان ۾ نرتيه ڪلا به شامل ڪئي وئي آهي. هي سورگ جا سوامي اندر ديو! ناٽيه ويد جي شبدن کي ساڪار ڪرڻ. ڪلا کي ڪرم ۾ بدلڻ توهان جي ديوتائن ۽ اپسرائن جو ڪرتويه به آهي ته ذمو به آهي.

اندر: توهان جي آگيا جو پورو پورو پالن ڪيو ويندو.

(برهما ناٽيه ويد اندر جي حوالي ڪري ٿو.)

(پردو ڪري ٿو.)

توهان جهڙن شيرمردن لاءِ اِها ڳالهه ڪيڏي نه تڪليف واري
آهي جو توهان جون زالون هن ٺريءَ بيدرد موسم جو خيال نه
ڪري پيڪي هلي ويون آهن. وري ڇئن ئي جون چارئي ساموهڪ
موڪل تي! توهان سندن سازش جو شڪار ٿي ويا آهيو.

(ڪجهه دير خاموشي)

مون کان توهان جو درد سٺو نه ويو. مان توهان جي لاءِ چار...

(پرجاپتي جملو اڌ ۾ ئي روڪي هڪ دم سوٽ ڪيس کولي
ان مان چار شاندار گڏيون ٻاهر ڪڍي ٿو.)

پر: ...... هي چار شاندار گڏيون وٺي آيو آهيان.
جيسين توهان جون زالون پيڪن مان موٽن تيسين هنن مها
سندرين، ڪلا جي ادبيت مثالن سان دل بهلايو. وٺو، وٺو.

(هڪ هڪ پٽ کي هڪ هڪ گڏي ڏئي ٿو. هر ڪو پٽ عجب
مان گڏي وٺي ٿو.)

هنن کي سنڀالي رکجو. زالن جي واپسيءَ کان پوءِ به هي ڪم
ايندو. ڊيئر آر فار آل ٽائيمس.... وڌيڪ اُپٽار نه
ڪندس. توهان پاڻ سياڻا آهيو. (کلي ٿو.)
پر ڏسو، مون پنهنجي لاءِ هڪ به گڏي ڪونه آندي آهي.

(سوٽ ڪيس اُبتو ڪري ڏيکاري ٿو.)

هاڻي ڀلي وڃو پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ ۽ هنن گڏين
سان وڃي رانديو.

(چارئي پٽ پنهنجي پنهنجي گڏي کڻي لائين ۾ گهر طرف
وڃن ٿا. پرجاپتي اُتي اڪيلو رهجي ٿو وڃي.)

پر: (زور سان کلي) هيڏو وڏو گهر فقط گڏين سان ئي
هلائي سگهبو آهي. هڏ - ماس جون زالون ته مسئلا آهن.
مسئلا. گڏيون گڏيون آهن. نو پرابليم!.... ڪڏهن

نظر ٿو اچي.)

پير: (گهڙا ڏانهن منهن ڪري ٿو ورسان) او ماءِ ايس ڪارڙو! ڇو آن.

(ڪوئي رد عمل ڪونهي.)

او منهنجا چارئي پکو! اچو. ٻاهر اچو. ڏسو. مون توهان لاءِ ڇا آندو آهي. (ڪوئي رد عمل ڪونهي.)

او منهنجا پيارا بهادر فرزندو! توهان اعيلن ڪمرن ۾ پوڙن وانگر لڪي ڇا ڪري رهيا آهيو ؟.....

(ڪوئي جواب ڪونه ٿو اچي.)

توهان خاموش آهيو. پر توهان جي دل جي آنڌ مانڌ جا آواز مان هتي صاف صاف ٻڌي رهيو آهيان..... اچو. ڏسو ته مون توهان لاءِ ڪهڙيون پوريون دلڪش سوکڙيون آنديون آهن.

(ڪجهه ئي دير ۾ پيرجا پٽيءَ جا چارئي پٽ گهر طرفان آڳنڌ ۾ اچن ٿا. ۽ چپ چاپ بيهي ٿا رهن.)

پير:- (هٿ سان اِشارو ڪري) ترسو. هڪ منٽ ترسو. مان توهان جون سوغاتون اِجهو ٿو ڪڍي اَچان.

(پيرجا پٽي گهر طرف وڃي ٿو. چارئي ڀائر اِشارن ۾ هڪ ٻئي کان پڇن ٿا ته ڇا آهي. پر ڪنهن کي به ڄاڻ ڪونه آهي. پيرجا پٽي ٻاهر اچي ٿو. هن جي هٿ ۾ هڪ سوٽ ڪيس آهي.)

پير: مان ڄاڻان ٿو ته توهان ڪيترا نه نڪما آهيو. ڪيترا نه ڏکي ۽ پريشان آهيو. اِنهن پيڙا جي غفائن ۾ توهان جو هي پيٽا ڪيئن دفعا پنهنجي زندگيءَ جون گهڙيون ڪڍي گهمي يو آهي ۽ پيڙا جي انهن ڪانٽيدار رستن تان گذري چڪو آهي..... مان درد جي انهن تکن چنبن کان پوريءَ طرح واقف آهيان.

(ڪجهه دير خاموشي.)

پر: پوءِ ٺيڪ آهي....

اِها خبر ڦاهي - پيو....

را: ڪي اِخبار وارا ... ان جا ڦوٽا ڪڍي رهيا آهن.

پر: (ڪلنڊي) چلائي رهيا آهن ...

را: نه نه سائين - چلائي پيا شور.....

پر: رامچند ! اُهي رڳو پوڻ ڪئن سان نه - پر دماغ سان...

خير- ٻي ڪائي خبر چار ؟

را: سائين رات چوري ٿي وئي - ميبگهراج جي دڪان -

شاهينگه خاليڪري ويا.... سائين گوٺ جي وچ بازار

مان...

(پهريون پٽ ٻاهر نڪري آيو آهي. پر ٻيءَ ڪي

ٻنهي ڌر ٻوٽي جو هو / گهر جي چائنٽ وٽ بيٺل آهي.)

پر: ٿو - مون سان هن ڪي ڳڌجڻ لاءِ چيو ؟

را: ها سائين

پر: ڪنهن کي ڳڌجڻ لاءِ چوندي....

را: سائين جنهن مالڪ جي چوري ٿي آهي. ميبگهراج کي....

پر: (ڪلنڊي) رامچند- ڏاڍو سادو آهين. چور کي ڇئه -

مون سان ڳڌجي وڃي.

(پهريون پٽ گهر جر اندر هليو ٿو وڃي.)

را: چور کي چوان !.... سائين مون نه سمجهو -

پر: چوڪيدار کي اِهو ٻڌايو ڏي - ڳڌجي وڃڻو هو مون سان،

جنهن کي ڳڌجڻو هوندو...... ٻيهر !

را: جي سائين !

پر: رامچند - سيڪو پنهنجو ڪاريه ڪندو رهي - ان پر سڀني

جو ڀلو آهي. ڀهي نه رهه - پيو ڪيڇه پيٽو اُٿيئي -

را: نه سائين - نه - هلان ٿو.

سپنو. ڪڏهن سچ، ڪڏهن سچ. ڪڏهن سپنو. ڪڏهن سچ ۽
سپني جو وچ. هڪ اهڙو ڏنڌ، هڪ اهڙو چارو، هڪ اهڙو
پردو ڦهليل ويندو جو هٿ نه ڏسي هٿ کي! اکيون نه ڏسي
صبح کي!

(پرجاپتي ڪرسيءَ سان ڪلندي ڪاٻي طرف يعني جنهن طرف
ٻاهر وڃڻ جو مکيه دروازو آهي. اُن طرف وڃي ٿو.
اُن طرف کان ٿي هري جي اچي ٿو. هو هلڪي سُر ۾
گنگنائي ٿو.)

ه: जिउ सुपना अरु पेरवना
ऐसे जग को जानि।
इन मे कछु साचो नहीं, नानक बिन भगवानि !!
नर चाहत कछु और, औरै की औरे भई।
चितवत रहियो ठगौर, नानक फांसी गल पड़ी ॥

(هري جي گهر طرف هليو ٿو وڃي. ٺيڪ اُن وقت
پرجاپتي به ٻاهران واپس اچي ٿو ۽ صندل کي ٺيڪ ڏيئي
ٻهجيا ٿو رهي. پوءِ صندل تي ويهي ٿو رهي.
اُن وقت آفيس ڪلارڪ رامچند اچي ٿو.)

را: سائين ....

پر: رامچند. اَڄ آفيس جا ڇوڪرا ڏسڻ ڪرڻ جي
موڊ ۾ ناهيان. ٻي ڪا خبر چار ٻڌاءِ. گوٺ ۾
رات نه سک جي گذري. (پرجاپتي صندل تي ويهي ٿو.)

را: توهان جنهن جاءِ ٺهڻ جاءِ ... کي ڏهسرائي
چڏيو. سان ورهي... اَڏي رهيا آهن....

پر: ڪير اَڏي رهيا آهن؟ ساڳا ماڻهو يا....

را: سائين. اُهي ئي آهن. جن پهرين....

رڳو ڪمائڻ سان رڳو ڄاتا ويا آهيو.

پهريون: اسان توهان جا ڄاتا ويا آهيون. اها ڳالهه اسان لاءِ بدقسمتي واري ثابت ٿي آهي.

پر: سو وري ڪيئن؟

پهريون: سو هيئن ته ماڻهو توهان کي يعني اسان کي پنهنجي گهر جو نئين چور ٿا چون.

پر: (وائڙو ٿي) ڇا ٿو چوين؟ گهر جو چور؟ مون ڪجهه نه سمجهيو.

پهريون: ڪٿي پيهائڻ توهان ويندا آهيو؟

پر: ها ٿو. گهر جو ڪم ڪرڻ نه وڏن لاءِ شان ٿيندو آهي.

پهريون: ڇڪي وارو چوي ٿو ته توهان نه فقط پيسائيءَ جي بدران اٽو گهٽائيندا آهيو بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪلو ٻه اٽو وٺي به ايندا آهيو.

پر: (چيخ ڪري) ڪوڙ - ڪوڙ - نسورو ڪوڙ. ڇڪي وارو پاڻ چور. ڪمينو ڪوڙ ٿو ڳالهائي.

پهريون: پر ڇو ٿو ڪوڙ ڳالهائي؟

پر: اهو وڃي ان ڪميڻي کان پڇ.

پهريون: مان توهان کان ٿو پڇان.

پر: يعني مان، هن گهر جو وڏو! ڳوٺ جو مکي، پرجا پتي، ٽو ٽنگ جيتري چوڪري جي اڳيان ويهي صفايون ڏيان؟ ماءِ ورڊ از فائينل. هاءِ اٿارٽي از لا. مان ڪنهن عيري غيري نٿو خيري جي سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ ٻڌل ڪونه آهيان.

پهريون: هو عيرو غيرو ناهي. هو هڪ عزتدار بيٺل ڇڪي وارو آهي.

پر: بيٺل هجي يا ويٺل مون کي ڪائي پرواهه ناهي.

پهريون: پر ڏاڏي اسان کي پرواهه آهي. اسان سڀ سچ ڄاڻڻ چاهيون ٿا.

پر: سچ اهو آهي ته سڀ ڪوڙ آهي.

پهريون: توهان جو اهو گفتو مينگليس آهي.

(رامچند وجهي ٿو. ٻه هرجي تهرجي اندران اچي ٿو. هن جي هٿ ۾
ٿالهي جو هڪ لوٽو آهي. هرجي تلسيءَ ٽني پاڻي چاڙهي ٿو ٻه شرڌا سان
هٿ جوڙي ٿو.

ه: نٽ. ناگر ڪرشڻ مراريءَ جي پياري تلسي! هرجي پربون توکي ۽ پوڄ...
ڪرشڻ جي سروپ شاليگرام کي نمسڪار ڪريٿو. ڪرپا ٿيندي رهي.
ديا وسندي رهي....

(ان وچ ۾ پرجاپتيءَ جا چار ٿي پٽ گهر اندران اچن ٿا ۽ منچ تي ترس...
ڪان سواءِ ٿي ٻاهر هليا وڃن ٿا. هرجي تلسيءَ ٽني پاڻي چاڙهي
گهر اندر هليو وڃي ٿو. ڪجهه دير منچ بلڪل خالي رهي ٿي. اوچ...
پربون پڻ ٻاهران اندر اچي ٿو.)

پربون: (پاڻ سان ڳالهائيندي) ڪنهن وشواس نه ٿا ڪن پرهن سان ڳالهه
لڳي ٿي اچي. اڄ ڍنڍيءَ سان هڪ هڪاٽي ڪري ٿي آهي.
هوءَ ڍنڍي آهي پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته اسان سڀ
ڍڳا آهيون.

پر: (اوچتو ڪاپي پاسي کان اچي) ڍنڍيءَ جا ابب. ڪارڊس ڪڍهه...
به ڍڳر نه ٿا ٿي سگهن. ماءُ سنه! پوءِ آهر ماءُ آرهي. پوءِ آهر
ماءُ شڪتي، پوءِ آهر ماءُ هستي! توهان آهيو ته مان آهيان.

پربون: (وچ ۾ ڪٽيندي) ڍنڍي اهو برابر آهي. نه اسان آهيون نه
توهين آهيو. پر توهان آهيو ان ڪري اسان بلڪل زيرو ٿي
ويا آهيون. اسان اسان نه رهيا آهيون. اسان توهان ٿي وي...
آهيون.

پر: يعني!

پربون: اسان توهان سان سچا نه ٿا وڃون. پڻ هنجي پهچاڻ سان ...

پر: (خوش ٿي) اها نه توهان لاءِ فخر جي ڳالهه آهي جو ڍنڍيءَ جي
هوندي توهان ڍنڍي ٿي ويا آهيو. راجا جي هوندي توهان...

پر: جيئن هو هن گهر جي ايحنا کي نوڙي گهر کي ٺڪر ٺڪر ڪري ڇڏن.

پهريون: ٺڪر ٺڪر ڇو؟

پر: ڇاڪاڻ ته آسان جي ايحنا مان کين خطرو آهي. آسان جي انماد مان غيرن کي خوف آهي.

(ٻاهران اوچتو تمام وڏو ٺهڪ ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. ٺهڪ سان گڏ ئي ٻيون پٽ اندر اچي ٿو. هو اجا ۾ پيءُ ڏانهن آگر ڪٽي ڪلي رهيو آهي)

پر: هي ڪهڙي قسم جي بدتميزي آهي؟

ٻيون: جيڪو قسم توهان شروع ڪيو آهي.

پر: ڇا ٿو ڪهين؟

ٻيون: الزام سچا آهن. توهان کي هر دعا تان پيسا ڪاڻ جي هير پيئجي ويئي آهي. توهان اِن شيءِ جا عادي ٿي ويا آهيو. هن گوشت جا توهان وڏي ڀروڙا ڪمبشن ايجنٽ آهيو.

پر: (زور سان) خاموش!

ٻيون: افسوس! جو توهان پنهنجي گهر کي ئي لُٽيو آهي.

پهريون: ادا، ٻاهروارن کي لُٽڻ لاءِ شيطاني همٿ کپي.

ٻيون: ۽ آسان جو ته ٻُڌ ڄاڻ ته فرشتن جو فرشتو مٿي آهي نه!

پر: توهان ٻيئي اڄ کان وٺي بلڪ هن منٽ کان وٺي منهنجا پٽ نه آهيو. مان توهان کي هر حق کان محروم ٿو ڪريان.

پهريون: اسان اهڙي حق جا حقدار ٿيڻ به ڪونه ٿا چاهيون.

پر: مان باقي ٻن پٽن کي سڀ ڪجهه ڏيئي ويندس. هي گهر، هي مال ملڪيت، هي رعب داب، مان باقي ٻن پٽن کي اهو ڪجهه ٻڌائي ڇڏيندس. جو دنيا هنن سان رهيو ڪندي.

ٻيون: (مذاق مان) ۽ جي اُهي به اسان وانگر ناخلف نڪرندا ته پوءِ؟

پر: (غصي ۾) ته پوءِ مان هن گهر کي آگ لڳائي ڇڏيندس، ڀسم ڪري ڇڏيندس. خاڪ جو ڍير بڻائي ڇڏيندس. جيڪو منهنجو

پير : مون کي کھڙي پئي آھي. جو مان ڪجھ روپين لاءِ اھڙو ڪڌو ڪم ڪندس؟

پھريون : اُن ڪري ئي تہ اسان سڀ چاڻي وايو منڊل کي صاف ڪرڻ چاھيون ٿا.

پير : (ھٿ ھلائي) ان جي توھان پرواہ نہ ڪريو. ھيءُ تلسي ڏسين ٿو؟ ان ڪان وڌيڪ طاقتور ڪوئي پيو رڦا بر آھي ئي ڪونہ. ھوا صاف بہ بلڪل صاف آھي.

پھريون : (ڪجھ جوش مان) توھان اُنھن جي سرڳ ۾ رھو ٿا جن جو نالو مان وٺڻ نہ ٿو چاھيان. معوا زھريلي ٿيندي ٿي وڃي.

پير : ھيءُ تلسي ؟

پھريون : اِھا پنھنجي شاليگرام يعني ڪرشڻ جي پوڄي آھي.

پير : اُپھرو نہ ٿي؛ مون تي وشواس ڪر.

پھريون : وشواس لاءِ ڪوئي وسيلو نہ ڏيو.

پير : توکي معامولي چڪيءَ وارو سمجھو ٿو لڳي

پھريون : چڪيءَ واري سان گڏ ھڪ ٻنڪ شاھدن جو بہ آھي.

پير : تنھنجي معنيٰ ايڏو وڏو بدمعاش آھي. اھو چڪيءَ وارو ! مصو ايترا ڪوڙا شاھد بہ ڦريدي سگھي ٿو ؟

پھريون : اسان جاي جاچ جاري آھي.

پير : ڇا جي جاچ ؟

پھريون : سڀ جي جاچ

پير : (وڏو ساھ کڻي) يعني دشمن منھنجي گھر ۾ ئي سرنگھ لڳائي !

پھريون : توھان سڀ ڇو ٿا ٻڌايو ؟

پير : مان ڇا سڀ ٻڌايان ؟ جڏھن ڪجھ آھي ئي ڪونہ تہ ڇوان ڇا

پھريون : تہ ھي ڇو بولو ڇا لاءِ ؟

پير : مون کي بدنام ڪرڻ لاءِ.

پھريون : بدنام ڇو ٿا ڪن توھان کي ؟

تو ڏين ! مان اِهي سڀ ناٽڪ ڄاڻان. مان اِهي سڀ چالاڪيون ڄاڻان. توهان ٻئي منهنجي دشمنن جا پڙهايل آهيو. منهنجي دشمنن وٽ وڪامي ويا آهيو. نيٺ خراب ٿي آرام! هون! يعني مون کي بنواس ۾ هنن حرامزادن کي گڏي؟ مان اهڙو مورک نه آهيان.

(ترور سان) رام کي نه چوڏهن سال بنواس مليو هو. مان توهان کي چوڏهن سؤ سال ننگي پير ٻن ۾ مٿي اُگهاڙي ٻن ـ ٻن ڀٽڪائيندس، ٻن ٻن ڪاراٽيندس ۽ نالين جو پاڻي پياريندس. وبا. وبا. دشمن وبا ۾ مري ويندا. ها ها ها ها ها.

(پاڳلن وانگر ڪلي ٿو. ٻئي پٽ عجب مان هوڏانهن نهارين ٿا. ڀرپور آڱر سان پنهنجي مٿي ڏانهن اِشارو ڪري ٻنهين کي جٽ ٻڌائي ٿو ته مغز تي اثر ٿي ويو اٿس. ٻيو ڪنڌ ڌوڻي ها ٿو ڪري.)

پيءُ: اِنهاس توهان تي ٿڪندو. تاريخ توهان تي لعنتون وجهندي. ڪير چوندو توهان منهنجا ڄاوا آهيو؟ توهان جيئچند جي خون مان آهيو. توهان جعفر جا تخم آهيو. توهان ويشٽ آهيو. جنهن جي ڪري سونهي جي لنڪا ڀسم ٿي وئي. جلي خاڪ ٿي وئي ۽ راوڻ جهڙو مهاپرتاپي سمراٽ هڪ بنواسي جي هٿون هارائي ويٺو. مار جي ويو. افسوس! مون توهان کي گهر جو رکوالو سمجهيو. توهان تي انڌو وشواس ڪيو. توهان جي ڀروسي تي هر خطري کي للڪاريو ۽ توهان؟ توهان دشمن لاءِ دروازا کولي ڇڏيا. توهان گهر جي ديوارن ۾ سرنگهون لڳايون. توهان منهنجي لاءِ کڏون کوٽيون. هڪ نه ٻه هزارين هزارين! جيئن هڪ مان بچي وڃان نه ٻي کڏ ۾ ته ضرور دفن ٿي وڃان. افسوس! اِس گهر کي آگ لڳ گئي گهر جي چراغ سان.

ٻئي پٽ: ڊئڊي! ڊئڊي!!

پهرجا پٽ: خاموش! توهان جا طريقا ئي تڪراري ٿا ته توهان کي

آهي اُن جو سڀ ڪجهه آهي. جيڪو دشمن جو آهي. اُن لاءِ فقط خاڪ آهي. خاڪ ! ياد رکجو. منهنجو جواب ٻڌڻ تي ليکو آهي.

ٻيون : جڏهن ڪي دنيا تي پاڻي ٿي لکيو آهي.

پير: گيت آئوٽ. گيٽ آئوٽ.

(ٻئي پٽ هڪ هنڌ بيٺا آهن.)

پير : (چيخ ڪري) اڙي سڀ گو آوي.

پهريون: ڊئڊي !

پير: نو ڊئڊي. نو پتا جي. نو فادر.

نوسن. ننگه. ننگه.

ٻيون: ڊئڊي !

پير: مري ويو ڊئڊي.

ٻيون: ته توهان ڪير آهيو؟

پير: مان ڀوت آهيان. پشاچ آهيان. پريت آهيان. مان بدروح آهيان. مان راڪشس جي آتما آهيان. مان چور آهيان.

ٻيون: ڊئڊي! ڪنٽرول يوئر سيلف !

پير: مان پيسا جو چور آهيان. مان سنسڪرتي جو چور آهيان. مان هر خوبصورت شيءِ جو چور آهيان. مان هر انساني پاونا جو هتيارو آهيان. مان توهان کي به ڪائي ويندس. ڪچو. ڪچو. ڪچو ڪري.

(ٿوري نهوڙ سان وات هلائي ڪچه ڪچه جو آواز ٿو ڪري.)

ٻيون: ڊئڊي! توهان ڏاڍا ٿڪل آهيو.

پهريون: ڊئڊي! آرام ڪريو. توهان جي طبيعت ٺيڪ نه آهي.

پير: منهنجي نيت ٺيڪ نه آهي ؟

پهريون: ڊئڊي. نيت نه پر طبيعت. آرام ڪريو.

پير: توهان منهنجي نيت تي شڪ ٿو ڪريو ۽ پوءِ آرام ڪرڻ جي صلاح

ٽيون: سٺ حصا اندر.

چوٿون: ۽ فقط اڌون حصو ٻاهر.

پير: يعني؟

ٻيون: يعني توهان چورن جا سرمور ۽ ڌاڙيلن جا سردار آهيو.

چوٿون: توهان ڏن آهيو.

پير: توهان ته؟ توهان ته ملڪي وڏا آهيو. منهنجو دشمن سان؟

ٽيون: ڪهڙا دشمن؟ ڪنهن جا دشمن؟ ڪنهنجا دشمن؟ توهان پاڻ
پنهنجا دشمن آهيو. ٻيو ڪوئي دشمن صفحه هستيءَ تي آهي ڪونه.

چوٿون: دشمن کي جيتڻو اٿو ته پنهنجن وڪارن کي جيتيو. پنهنجن
غلط اصولن ۽ ڪڌن ڪرتوتن کي جيتيو.

ٽيون: ملڪ ٽيڻ جو موهه ننڍا ٿيو ته پاڻمرادو هي فتنو ڪتبي ڪري
پوندو ۽ پوءِ توهان زندگيءَ پرسڪ انسانن جا ملڪ ٿي ويندا.

چوٿون: جڏهن ڪهاڻي ملڪي هوندي به صادق آهيو.

(هرجي نچندو نچندو اڳتي پر اچي ٿو.)

هرجي:
सुख में बहु संगी भए, दुख में संग न कोइ ।
कहु नानक हरि भजु मना, अंत सहाई होइ ॥
जैसे जल ते बुदबुदा, उपजै बिनसै नीत ।
जग रचना तैसे रची कहु नानक सुन मीत ॥

چوٿون: هي آسانا جو اڇڙهيل نوڪر ڇا ٿو چوي؟

پهريون: ڊيڊي! اجي اٿين سمجهيا توهان جڳت جو هر ڪا ڇه ڪيو ته
پوءِ برابر فخر سان چئبي سگهندؤ ته My word is final & my act is law.

ٻيون: پوءِ ڊيڊيءَ کي اِئين چوڻو ئي ڪونه پوندو. پوءِ ته خود ماڻهو
ڊيڊيءَ لاءِ اِئين چوندا ته His word is final and his act is law.

هرجي: (پير جا پيٽيءَ کي ٻانهن کان پڪڙي) مالڪ. هلو اندر گهر پر هلو.
اندر هلي اندر پر ٽيبي ڏيو. هڪ ٽي سُر اندران ٻڌندؤ ته: جن

پروفيشنل ڪرمنلس وٽان ٽريننگ وٺي آيا آهيو. توهان هن سادي سودي ڳوٺ جا رهواسي ٺڳيو ٿي ڪونه ٿا. توهان هن گهر ۾ هن ڳوٺ جي تباهيءَ جي سٽ سٽي آهي. توهان سيني سڀني گلشن کي ٿي باهه لڳائڻ جي سوچي آهي.

پهريون :- جهڙو مرض تهڙي دوا.

پير : (غصي ۾) وَهاٽ ؟

ٻيون : سچ اهڙو ڪڙو ٿيندو آهي. اڄ سُڌِ پئي :

پير : جهڙو سنگ تهڙو رنگ. توهان جو هڪ هڪ بول ثبوت آهي ته توهان ڪنهن هٿ جي ڪٺ پتلي بڻجي ڪري نچي رهيا آهيو.

پهريون : اسان جي ڏور وري به ڏاهن جي هٿ ۾ آهي.

ٻيون : اسان عقل ۽ مورڪتا جي وچ ۾ چڱيءَ طرح فرق ڪري ڄاڻون.

پهريون : اسين ته وچئي شُرُ سمجهي ٿا وڃون.

پير : ته مان مورکن جي هٿ جي ڪٺ پتلي آهيان ؟ ته مان خود بيوقوف آهيان ؟

ٻئي : اسان ڇا چئون. ٻڌو ٿو ٻيبتر.

(اُن وقت ٽيون ۽ چوٿون پٺ ٻاهران اڳڏ ۾ اچن ٿا ۽ اُتي ئي بيهي ٿا رهن.)

پير : منهنجا پيارا سياڻو ! ڏسو ٿا. هي ٻئي ڦري دشمن ٿي ويا آهن ؟ چون ٿا مان چور آهيان.

ٽيون : هنن ويچارن کي ڪهڙي خبر ؟....

چوٿون : ته توهان ڇا آهيو. توهان آئيس برگ آهيو. انٽارڪٽڪ واري سمنڊ جي آئيس برگ.

پير : يعني ؟

ٻبون: (ڇوٽن ڏانھن نھاري) ھنن کي ٻڌاءِ تہ ٻيٽريون ڪيئن چونڊ
ڪنديون آھن. مکيءَ جي.

ڇوٽون: جيئن ھڪ مقرر وقت جي سبب کان وڏيڪ ٻيٽريون ڇڪي اُن کي
مکي ٻڌائيندا آھن. ھڪ سال لاءِ.

ٻبون: فيصلو ڪيئن ٿيندو آھي؟ پتو ڪيئن پوندو آھي تہ ڪنھن
ڪيتريون ٻيٽريون ڇڪيون؟

ٽبون: ھاڻي سربستي ڳالھ ٻڌو.

ٻھريون: ٻڌاءِ.

ٽبون: مکيءَ جي پڌلاءِ جيترا اُميدوار ھوندا آھن. اُھي جُدا جُدا قسمن
جون ٻيٽريون مقرر ٿيل ھنڌ تي کڻي ويندا آھن. پوءِ ٽي علائق
لڳاتار ٻيٽريون ڇڪيندا رھندا آھن.

ٻبون: ڪمال آ.

ڇوٽون: اڳتي تہ ٻڌ.

ٽبون: پوءِ ٻيٽرين جي ٻچيل نشرن مان پتو پوندو آھي تہ ڪنھن
ڪيتريون ٻيٽريون ڇڪيون.

ٻبون: يعني اسان جو ڊيڊي اِئين نان-اسٽاپ سموڪنگ ڪري
ويندو آھي؟

ڇوٽون: آڙي اسانجو ڊيڊي سموڪنگ ڪنگ آھي. سموڪنگ ڪنگ.
ڏھن سالن کان لڳاتار ھن ڳوٺ جو مکي ٿيندو آيو آھي.

ٻبون: مان بہ ڇوان ھن ڳوٺ جي آس پاس ٻيٽرين جا ڪارخانا ڇوٽا
وڏا ڏٺا وجن! ھاڻي خبر پئي تہ ھتي ٻيٽرين جو ڪيترو وڌيڪ
ٿي رھيو آھي. خوب ڀائي خوب!

ٻھريون: ان ۾ ڪائي بي ايماني ڪونہ ٿيندي آھي؟

ٽبون: ڊيڊي ان ڪم ۾ بہ ايڪسپرٽ آھي. ٻيٽرين جا سوين ٽڪرا
جيب ۾ وجھي ويندو آھي. اُتي ڇڪيندو ھڪ ٻيٽري آھي.

ٽياڳوتن پاتو. جن ٽياڳيو تن پاتو.

پر: يعني سڀ ڪجهه ڇڏي مان سُستيءَ ۽ شڪر ۾ ٿي ويٺو رهان؟

هرجي: نه، سڀ ڪجهه ڪريو. پر ڌرم سمجهيا، فرض سمجهي. آنا سڪٽ پاءُ سان. موڪ - هين ٿي ڪري ڪوشش ڪريو. پر حد اندر. زور ڏيو پر حد تائين. گل وانگر سڳنڌ پون ڦهلائي سنسار ساگر مان تري ويندؤ.

(پرجا پتي ڪي پل صندل تي ويهي سوچي ٿو.)

پر: سياڻپ ۾ گيان ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ڪانهي. ڀلا اندر هرجي! مان ڪجهه سوچڻ ٿو چاهيان. مان اڪيلائيءَ ۾ پاڻ کان ڪئي سوال پڇڻ ٿو چاهيان.

هرجي: نه پرڀو مالڪ! دل نه لاهيو. جيئن توهان جي آهي. سمجهو نه ڪشٽ ڪٽجي ويا. پا دل هٽي ويا. توهان سورج جيان چمڪندؤ. فقط پاڻ کان سوال پڇو. خود سان فريب نه ڪيو. آرسيءَ جي اڳيان ڏهي پاڻ کي سڃاڻو. پنهنجو چهرو ڏسو. اِها همت ڌاريو. اِهو اخلاق رکو.

(هرجي پرجا پتيءَ کي ٻانهن کان وٺي اندر وڃي ٿو. چارئي پاٿر ٻاهر آڳنڌ ۾ ويٺا آهن.)

پهريون: (ٽئين ۽ چوٿين ڏانهن نهاري) آخر معاملو ڪهڙو آهي؟

ٽيون: سڀني مکي ٻٽجي وهڻ جي ماڻا آهيا.

ٻيون: يعني؟

ٽيون: توهان کي خبر آهي نه مکيءَ جي چونڊ ڪيئن ٿيندي آهي؟

ٻيون: نه - مونکي نه خبر ناهي.

پهريون: مونکي به ڪانهي.

ٽيون: مکيءَ جي چونڊ ٻيٽريون ڪنديون آهن.

پهريون: ٻيٽريون؟ هي تون ڇا پيو چوين؟

It is absurd

پھريون: اچرج جي ڳالھ آھي.

ٻيون: ھن دؤر ۾ ڪجھ بہ اچرج جھڙو ناھي. اڄ سڀ ممڪن آھي.

پھريون: پنھنجين کان بہ لِڪ-لڪاءُ؟ پنھنجن تي ئي اوشواس؟

ٻيون: ھيءَ چونڊ آھي. معمولي چونڊ نہ پر ھڪ ملڪ جي چونڊ. چونڊ معنيٰ سياست. سياست معنيٰ حرفت. حرفت معنيٰ اوشواس.

چوٿون: ۽ اوشواس معنيٰ ستياناس. ان ڪري سياست جو انت ھميشھ ستياناس ئي ٿيندو آھي. پلي وڏي ڪال کان وٺي اڄ تائين اتھاس جا پنا ڏسو. حالتن جو جائزو وٺي ڏسو.
(پرجاپتي ھرڄيءَ سان ٻاھر آڳنڌ ۾ اچي ٿو. ھاڻي ھن جي انگہ انگہ مان آتم وشواس ٽپڪي رھيو آھي.)

پر: مان پرجاپتي آھيان. پرجاپتي معنيٰ پرماتما. مان ھن ڳوٺ جو پرماتما آھيان. مکي آھيان. مان توھان سڀني کي وشواس ٿو ڏياريان تہ اڄ کان پوءِ مان پنھنجي سنسڪارن سان اھو مثال پيش ڪندس جو سڄو ڳوٺ تہ ڇا پر سڄو ملڪ تہ ڇا پر سڄي دنيا ان جي پيروي ڪندي. مان پرجاپتي آھيان ۽ مان ڪنھن بہ حالت ۾ پرجاپتيءَ جي نالي تي ڪوئي داغ لڳڻ نہ ڏيندس. پرجاپتي معنيٰ شڪ کان مٿي!

(سڀ زور زور سان تاڙيون وڄائن ٿا. پردو ڪري ٿو. ان سان گڏ ھڪ نئون آواز اچي ٿو.)

آواز: ان ۾ بہ تہ ڪا سياست ڪانھي؟

21.9.1987.

ٽڪرا وڃھ ڦٽا ڪندو آھي.

پھريون: ڪوئي ڏسيس ڪون؟

ٽيون: ڏسندڙ شخص جووات رُپئي سان لبي ڇڏيندو آهي. ۽ اکين تي سون جو ٽڪرو وهائي ڪيڊندو آهي.

چوٿون: جنهن کي هڪ دفعو اک تي سون جو ٽڪرو لڳو اُهو زندگي ڀر ڪجهه ڏسي نه سگهندو آهي.

پھريون: خوب!

ٻيون: جواب ناهي دنيا توهان جو!

پھريون: منهنجي نه دل ٿي چاهي اهڙي دنيا جي قدمن ۾ ويهي مان ڪي گهڙيون سگهي وڃان.

ٻيون: ۽ پوءِ مڪي ٽين لاءِ سدائين دکي رهان. ڪيئن؟

پھريون: پر انهن ڳالهين جو پيسن چورائڻ ۽ ڪميشن ڪائرط سان ڪھڙو واسطو؟

ٽيون: ته ڇا دنيا کي پيئڙ يون مفت ۾ ملندا يون؟

چوٿون: هر هوند پرڪشش عرڻ لاءِ دنيا کي سوين بيٽ يون گهرجن. يارن دوستن کي به ڪڏهن ڪڏهن مدد ڪرڻي پوندي آهي سونا روپيا ۽ چاندي جا ڏيا ٺهرائڻا پوندا آهن. انهن سڀني ڪمن لاءِ پيسو ڪيئي ياند؟

پھريون: پوءِ دنيا اسان کان ڪليو ڪالا پيشا چونه وٺندو آهي؟

ٽيون: چريو ته ڪونٿيو آهين؟ دنيا جا اِهي سڀ ڪم چوڻون جي نيمن جي خلاف هوندا آهن. ان ڪري هو اُسان کان به اهو راز لڪائي رکندو آهي.

I don't beleive.

اهو ممکن ناهي.

ٻيون. اِهو ممکن آهي. پر غير عملي آهي.

سهڪار پبليڪيشن، اُلهاسنگر جو نائون پيشڪ.

اوتار آيو آهي.

ايڪانڪي ناٽڪن جو سنگرهه.

جيڪو توهان لاءِ ڪٺي آيو آهي:

- اَنوکا، اڇوتا، رنگا رنگي، رهسيميه، نَئِن نِرالَ ساڌارڻ پلاٽ!
- دل ۾ وَلولا پيدا ڪندڙ سنواد - پاترن لاءِ به، درشڪن لاءِ به ته پاٺڪن لاءِ به!
- اهڙيون اِستثتيون جيڪي توهان جون ننڊون اُڏائي ڇڏينديون. پر جاڳيل اکين ۾ خوابن جا سهڻا پري ڇڏينديون.
- اُهو ٽوٽل اِفيڪٽ جنهنجي ڪوئي ڪلپنا به نه ڪري سگهي!
- حقيقت جي شاهدي ڏيندا. هي ايڪانڪي ناٽڪ:

